★★

ABC Certified DAILY AAS HYDERABAD

روزاني
آس
حيدرآباد

dailyaashyd@gmail.com

(سال15)سومر26 سيپٽمبر 2022 ع 29 صفر المظفر 1444هه (شمارو 263)قيمت 15 روپيا)

عالمي اڳواڻن پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب ٿيندڙ تباهي تي مدد جو يقين ڏياريو آهي: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪمن جي حوالي سان اجلاس، وزيراعظم لنڊن مان وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

نيشنل فلڊ ريسپانس ڪوآرڊينيشن سينٽر جي اختيارين بحالي وارن ڪمن جي حوالي سان وزيراعظم شهباز شريف کي وڊيو لنڪ تي بريفنگ پڻ ڏني، وزيراعظم بحالي جي ڪمن جو جائزو ورتو

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سميت اهم اڳواڻن سان ملاقاتون ٿيون جن کي حڪومت جي امدادي ڪارروائين ۽ بحالي جي ڪوشش جي باري ۾ آگاهه ڪيو: وزيراعظم

عالمي اڳواڻن کي موسمياتي تبديلي سبب پاڪستان تي پوندڙ اثرن ۽ پاڪستان جي نقطه نظر کان به آگاهه ڪيو آهي، عالمي اڳواڻن پاڪستان جي مدد جو يقين ڏياريو آهي

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ ڊونرز ڪانفرنس منعقد ڪرائيندو جڏهن ته بل گيٽس سان متاثرين جي ٻارن جي خوراڪ لاءِ ورلڊ فوڊ پروگرام مان مدد وٺڻ جي به ڳالهه ڪئي آهي

عالمي برادري ۽ پاڪستاني ادارن جي ڪوشش سان اسان انشاءالله هن مشڪل صورتحال مان نڪري ايندا

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته عالمي اڳواڻن پاڪستان جي مدد جو يقين ڏياريو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٻوڏ متاثر علائقن ۾ امدادي ڪمن جي حوالي سان اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم لنڊن مان وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ بحالي جي ڪمن جو به جائزو ورتو. وزيراعظم شهباز شريف چيو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سميت اهم اڳواڻن سان ملاقاتون ٿيون جن کي حڪومت جي امدادي ڪارروائين ۽ بحالي جي ڪوشش جي باري ۾ آگاهه ڪيو. وزيراعظم سعودي بادشاهه محمد بن سلمان سان ٽيليفون تي ڪيل ڳالهه ٻولهه جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

وزيراعظم هائوس جي آڊيو ليڪ ٿي وئي، وزير پريشان، جاچ جو اعلان

آڊيو ۾ مسلم ليگ ن جا اڳواڻ ۽ وفاقي وزير مبينا طور تي پي ٽي آءِ جي ايم اين ايز جي استعيفيٰ تي بحث ڪري رهيا آهن. گهرو وزير راڻا ثناءالله، خواجا آصف، اياز صادق ۽ ٻين اڳواڻن جا آواز به ٻڌي سگهجن ٿا

وزيراعظم هائوس جي آڊيو ليڪ ڪانپوءِ وزيراعظم هائوس جي سيڪيورٽي تي سوال اٿاريا ويا، ڇا وزيراعظم هائوس ايترو غير محفوظ آهي جو اتي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ڪنهن ٻئي هنڌ ٻڌي سگهجي؟

آڊيو ليڪ ڪانپوءِ قومي سلامتي واري معاملي تي وزيراعظم هائوس ۾ اجلاس ٿي سگهي ٿو؟ڇا حڪومت ۽ وزيراعظم پاليسي سازي لاءِ ان ڪيمرا ملاقات سان مطمئن ٿي سگهن ٿا

ڇا وزيراعظم هائوس ۾ ڳجهي رڪارڊنگ سسٽم موجود آهي جنهن جي حڪومتي ميمبرن کي به خبر ناهي؟ حڪومت ان حوالي سان ڇا ڪندي، اڃا ڪا پاليسي ناهي

وزيراعظم شهباز شريف کي مريم نواز جي ناٺيءَ لاءِ سهولت جي درخواست ڪرڻ واري آڊيو ليڪ ٿي وئي، مريم نواز پنهنجي ناٺي لاءِ ڀارت مان پاور پلانٽ گهرائڻ جو چئي رهي آهي: آفيسر

هو اسان جو ناٺي آهي، اوهان انهن جا اشوز ٻڌائي ڇڏيو، ڀارت مان اهو پلانٽ اچي چڪو آهي، مان مڃان ٿو ته اهو ڳجهي ۾ پئجي ويندو، مان انهن کي گهرائي سمجهائيندس: وزيراعظم جي ورندي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم هائوس ۾ ن ليگ اڳواڻن ۽ وفاقي وزيرن جي ملاقات جو آڊيو ليڪ ٿي ويو آهي. آڊيو ۾ مسلم ليگ ن جا اڳواڻ ۽ وفاقي وزير مبينا طور تي پي ٽي آءِ جي ايم اين ايز جي استعيفيٰ تي بحث ڪري رهيا آهن. ليڪ ٿيل آڊيو ۾ گهرو وزير راڻا ثناءَالله، خواجا آصف، اياز صادق ۽ ٻين اڳواڻن جا آواز به ٻڌي سگهجن ٿا. وزيراعظم هائوس جي آڊيو ليڪ ڪانپوءِ وزيراعظم هائوس جي سيڪيورٽي تي سوال اٿاريا ويا آهن. ليڪ ٿيل آڊيو وزيراعظم هائوس جي سيڪيورٽي ۽ پرائيويسي بابت نوان سوال اٿاريا آهن. ڇا وزيراعظم هائوس ايترو غير محفوظ آهي جو اتي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ڪنهن ٻئي هنڌ ٻڌي سگهجي؟ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سڪرنڊ: پ پ اڳواڻ آصف ڀٽو زرداري هڪ ٻوڏ متاثر عورت سان ملي رهي آهي

نيويارڪ: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري مصر جي پرڏيهي وزير سان ملاقات ڪندي

سينيئر اڳواڻ حامد خان کي پي ٽي آءِ ۾ اهم عهدو ملي ويو

عمران خان پارٽي جي ايڊوائزري ڪونسل ٺاهي ڇڏي، جنهن جو چيئرمين حامد خان هوندو

10 رڪني ايڊوائزري ڪونسل ۾ رئوف حسين، نجيب هارون، ارشد داد، جمال انصاري ۽ خالد مسعود شامل هوندا

سليم جان، يعقوب اظهار، تسنيم نوراني ۽ بختيار قصوري کي به پي ٽي آءِ جي ايڊوائزري ڪونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي حامد خان کي پارٽي ۾ اهم عهدو ڏنو ويو. پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان پارٽي جي باني ميمبر ۽ قانوني ماهر حامد خان کي پي ٽي آءِ ۾ اهم عهدي ڏئي ڇڏيو آهي. پاڪستان تحريڪ انصاف پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان پارٽي جي ايڊوائزري ڪونسل ٺاهي ڇڏي آهي جنهن جو چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

سينئر صحافي اياز امير هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

اياز امير کي ڊيوٽي جج زاهد ترمذي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، مان ٻالڻ پوليس کي اطلاع ڏني: اياز امير

ايس ايڇ او کي فارم هائوس جي ايڊريس مون ڏني، قتل وقت مان اسلام آباد ۾ نه چڪوال ۾ هئس

اسلام آباد (م ڊ) پٽ هٿان ننهن جي قتل سبب جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اميدوارن کان رشوت وٺندڙ تعليم کاتي جي آفيسرز کي نه ڇڏينداسين: سردار شاهه

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه چيو آهي ته اميدوارن کان رشوت وٺندڙ تعليم کاتي جي آفيسرز کي نه ڇڏينداسين. آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

مبينا آڊيو ٽيپ سان ثابت ٿي ويو ته مريم نواز جي ناٺي به پئسو ٺاهيو آهي: عمران خان

مريم نواز پنهنجي ناٺي لاءِ ڀارت مان پاور پلانٽ جي مشينري درآمد ڪرائي رهي آهي، اها مشينري اچي چڪي آهي

اسان سڀني تي فرض آهي ته حقيقي آزادي لاءِ جهاد ڪيون، غلامي ڪرڻ کان مري وڃڻ بهتر آهي

نواز شريف جا پٽ اربين رپين جي گهرن ۾ رهن ٿا، انهن مهانگن علائقن ۾ رهن ٿا، جتي برطانيا جو وزيراعظم به نٿو رهي سگهي

ڪرڪ (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مبينا آڊيو ٽيپ سان ثابت ٿي ويو ته مريم نواز جي ناٺي به پئسو ٺاهيو آهي. ڪرڪ ۾ جلسي سان خطاب ڪندي عمران خان چيو ته ٽيپ ۾ ڪجهه شيون خاص طور تي سامهون آيون. مريم نواز پنهنجي ناٺي لاءِ ڀارت مان پاور پلانٽ جي مشينري درآمد ڪرائي رهي آهي. اها مشينري اچي چڪي آهي. سفارش ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عالمي بئنڪ پاڪستان کي 2 ارب ڊالر ڏيڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو

قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک ٿيو آهي، عالمي بئنڪ پاڪستان جي مدد ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي: نائب صدر

وفاق ۽ صوبائي حڪومت سان ملي ٻوڏ متاثرن جي رليف لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

اسلام آباد (م ڊ) عالمي بئنڪ ملڪ ۾ موجوده موسمياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آرمي چيف جي مقرري بابت آئين ٽوڙيندڙ صدر جي تجويز رد ڪريون ٿا: پي ڊي ايم ترجمان

اتفاق جي هڪ ئي صورت آهي ته مقرري آئين ۽ طئي ٿيل طريقيڪار موجب ٿئي، ٻئي ڪنهن طريقي کي ڪڏهن به پسند نه ٿا ڪيون

محسوس ٿئي ٿو ته نئين آرمي چيف جي مقرري اهم آهي، ان معاملي تي صدر عارف علوي جي تجويز آئين ۽ قانون کان سڌي ريت ڦري آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) صدر عارف علوي جي تجويز رد ڪري ڇڏي. پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي ترجمان حافظ حمد الله جو چوڻ آهي ته آرمي چيف جي مقرري بابت صدر عارف علوي جي تجويز آئين ۽ قانون کان سڌي ريت ڦري آهي. نئين آرمي چيف جي مقرري لاءِ صدر عارف علوي جي تجويز تي رد عمل ڏيندي پي ڊي ايم ترجمان حافظ حمد الله چيو آهي ته مجوزه تا نئين آرمي چيف جي مقرري اهم آهي پر ان معاملي تي صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسحاق ڊار جي ڏيهه واپسي، نواز شريف اهم هدايت ڪري ڇڏي

اسحاق ڊار وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ ئي پاڪستان روانو ٿيندو

اسحاق ڊار اڱاري تي ناڻي واري وزير طور حلف کڻندو: نواز ليگ جا ذريعا

لنڊن (م ڊ) اڳوڻو ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ ئي پاڪستان ايندو، لنڊن ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ ن ليگ قائد نواز شريف جي سليمان شهباز جي رهائشگاهه تي ملاقات ٿي جنهن ۾ ملڪي سياسي صورتحال تي مشاورت ڪئي وئي. ٻن ڏينهن جي ڊگهي مشاورت ڪانپوءِ فيصلو ٿيو ته اسحاق ڊار وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ ئي پاڪستان روانو ٿيندو. هو اڱاري تي ناڻي واري وزير طور حلف کڻندو. ملاقات ۾ نواز شريف صلاح ڏني ته اسحاق ڊار کي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نومبر واري تبديلي آئين موجب هوندي: فضل الرحمان

پاناما ذريعي سياسي ۽ عمران خان ذريعي معاشي عدم استحڪام آندو ويو ته اسان مهانگائي خلاف مارچ ڪيو

اسحاق ڊار واپس اچي رهيو آهي ته جيئن اسان موجوده معاشي صورتحال مان نڪري سگهون

ملتان (م ڊ) جمعيت علماء اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته نومبر واري تبديلي آئين موجب هوندي. ملتان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته پاناما ذريعي سياسي ۽ عمران خان ذريعي معاشي عدم استحڪام آندو ويو ته اسان مهانگائي خلاف مارچ ڪيو. اسحاق ڊار واپس اچي رهيو آهي ته جيئن اسان موجوده معاشي صورتحال مان نڪري سگهون. هن چيو ته اندر ۾ غلام ۽ ٻاهران آزادي جي ڳالهه ڪرڻ منافقت آهي. هيءَ حڪومت گهٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

وزيراعظم هائوس محفوظ ناهي ته پوءِ ڪهڙي جاءِ محفوظ هوندي؟ فواد چوڌري

اينتي ملڪ جي وزيراعظم هائوس جي گفتگو ساڍا 3 لک ڊالرن ۾ ڊارڪ ويب تي موجود آهي

گفتگو مان لڳي ٿو ته فيصلا لنڊن ۾ ٿي رهيا آهن، مريم نواز مطالبو ڪري رهي آهي ته سندس ناٺي جي مشينري ڀارت مان آندي وڃي

پنڊ دادن خان (م ڊ) تحريڪ انصاف اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته اينتي ملڪ جي وزيراعظم هائوس جي گفتگو ساڍا 3 لک ڊالرن ۾ ڊارڪ ويب تي موجود آهي. وزيراعظم هائوس محفوظ ناهي ته پوءِ ڪهڙي جاءِ محفوظ هوندي؟ پنڊ دادن خان ۾ صحافين سان ڳالهائيندي فواد چوڌري چيو ته وزيراعظم آفيس جي آڊيو ليڪ ٿي آهي، جنهن تي وڏي ڳڻتي آهي. 115 ڪلاڪن جي گفتگو ڊارڪ ويب تي موجود آهي. جنهن جي بولي لڳي وئي آهي. اينتي ملڪ جي وزيراعظم جي گفتگو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ٻوڏ متاثر آزاد ٿي عام زندگي گهارڻ جا حقدار آهن: آصفه ڀٽو زرداري

اهي سڀ ڪجهه وڃائي چڪا آهن، انهن جا گهر، مال، معاشي ذريعا، ايتري تائين جو انهن جا پيارا به وڃائجي چڪا آهن

اهي بار وڌيڪ نقصان جي بار کان آزاد ٿي عام ننڍڙي گذارڻ جا حقدار آهن، اسان کي اهو يقيني بڻائڻ گهرجي ته کين اهو موقعو ڏنو وڃي

ٻوڏ سبب 3 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن، خوراڪ ۽ دوائن جي سخت ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو جي نياڻي آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته ٻوڏ متاثرن سڀ ڪجهه وڃائي [illegible] نقصان کان آزاد ٿي عام زندگي گهارڻ جا حقدار آهن. آصفه ڀٽو زرداري ٽوئيٽر تي پنهنجون ڪجهه تصويرون جاري ڪيون، جن ۾ هوءَ ٻوڏ متاثر عورتن ۽ ٻارن سان ملندي ۽ ساڻن ڏک ونڊيندي نظر اچي رهي آهي. اڳوڻي صدر آصف علي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12



ٻوڏ ۽ برسات سنڌ جو نقشو تبديل ڪري ڇڏيو
اچو مدد ڪيو
اُٿو مدد ڪيو
روزاني آس پاران اپيل ڪئي پئي وڃي
ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪئي وڃي

راولپنڊي: آرمي چيف سان چيئرمين دبئي پورٽ ورلڊ ملاقات ڪندي

ملڪ ۾ ڊينگي جا وار جاري، ڪراچي ۾ وڌيڪ 2 ماڻهو فوت

سنڌ ۾ ڊينگي سبب 365 ڪيسز رپورٽ ٿيا، 257 جو تعلق ڪراچي سان آهي

ڪي پي ڪي ۾ به ڊينگي جا وار جاري آهن، ڊينگي سان هڪ ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڊينگي ختم ٿيڻ جو نالو نٿو وٺي. گذريل چوويهه ڪلاڪن ۾ موتمار وبا سبب ٻه ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويا. سڄي ملڪ ۾ ڊينگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

آمريڪي، ڏکڻ ڪوريائي فوجي مشقن کان اڳ اتر ڪوريا جو سرپرائز

اتر ڪوريا پنهنجي اوڀر سمنڊ کان سمنڊ ڏانهن هڪ بيلسٽڪ ميزائل هلايو

ان 60 ڪلوميٽرن جي اوچائي تي تقريبن 600 ڪلوميٽر پري تائين اڏام ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڏکڻ ڪوريا ۽ آمريڪا جي گڏيل فوجي مشقن ۽ آمريڪي نائب صدر ڪمالا هيرس جي دوري کان اڳ اتر ڪوريا پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

سنڌ ۾ وبائي بيمارين وگهي وڌيڪ 10 ڄڻا حياتيون وڃائي ويٺا

شهدادڪوٽ جي اسپتال ۾ 40 ورهين جي وزيران چانڊيو مليريا سبب فوت

ڪراچي (نمائندن رپورٽ) سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن ۾ وبائي بيمارين وگهي ٻارن سميت ماڻهو مرڻ جو سلسلو بند نه ٿي سگهيو، اڄ وڌيڪ 10 ڄڻا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نائيجيريا ۾ موٽرسائيڪلن تي سوار هٿياربند ڌاڙيلن جو مسجد تي حملو 15 ماڻهو مارجي ويا

ڪراچي (رپورٽر) نائيجيريا جي اتر اولهه رياست زمفرا جي علائقي ۾ رووان جيما ٽائون جي هڪ مقامي مسجد تي ڌاڙيلن حملو ڪري پندرهن ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو. برطانوي خبررسان اداري جي هڪ خبر موجب موٽرسائيڪلن تي سوار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

دوائون تيار ڪندڙ ڪمپني فائزر جو سي اي او ٻيون ڀيرو ڪورونا وائرس جو شڪار ٿي ويو

واشنگٽن (م ڊ) عالمي دوائون تيار ڪندڙ ڪمپني فائزر جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر البرٽ بورلا ٻيون ڀيرو ڪورونا وائرس جو شڪار ٿي ويو آهي. ڪورونا جي ويڪسين تيار ڪندڙ ڪمپني جو سي اي او ٻيون ڀيرو ڪورونا ۾ مبتلا ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

شريف خاندان ڀارت مان ٻنا ڪليئرنس پنهنجي شگر ملن لاءِ انجنيئر گهرائيندو آهي: شيخ رشيد

اسرائيل سان لاڳاپا ۽ ڀارت سان واپار جو مقال وزيراعظم شهباز شريف جي آڊيو ليڪ ۾ سامهون اچي ويو آهي

غريب جون حالتون وڌيڪ ڳنڀير ٿي وينديون، سياستدان عام ماڻهو جو مسئلو نه پيو سمجهي، رڳو ميڊيا ميڊيا کيڏي رهيو آهي

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد چيو آهي ته اسرائيل سان لاڳاپا ۽ ڀارت سان واپار جو مقال وزيراعظم شهباز شريف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران مريم اورنگزيب جو گهيرو، گار گند

مريم اورنگزيب ماربل آرچ تي هڪ ڪافي شاپ ۾ ڪافي وٺڻ لاءِ رڪي ته سياسي ڪارڪن اچي ويا

پي ٽي آءِ جي عورتن ڪافي شاپ ۾ مريم اورنگزيب تي چور هجڻ جا الزام به هنيا

لنڊن (م ڊ) سنڌ سماء واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب کي لنڊن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) ڪارڪنن گهيري ۾ آڻي الزام تراشي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آرمي چيف سان دبئي پورٽ ورلڊ جي چيئرمين جي ملاقات

شيخ احمد سلطان سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو ڪيو: آءِ ايس پي آر

هن آرمي رليف فنڊ ۾ 25 لک آمريڪي ڊالرن جو عطيو پڻ ڏنو

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوا سان دبئي پورٽ ورلڊ جي چيئرمين شيخ احمد سلطان بن سليم ملاقات ڪئي، پاڪ فوج جي عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اسلام آباد تائين محدود خاندان کي ماڊل ٽائون ڪيس ۾ عمر قيد جي سزا ٿيندي: پرويز الاهي

شهباز شريف جي مغليه سوچ کان اسان اڳ ئي واقف آهيون، شهباز شريف کي وزيراعظم بڻائي قوم کي ڪهڙو تحفو پيش ڪيو ويو؟

ن ليگ جي اصليت سڀني جي سامهون آهي، تنهن ڪري مان ۽ مونس عمران خان جو ساٿ ڏنو

ائين لڳي رهيو آهي ته شهباز شريف ٻاهرين ملڪ مان واپسيءَ لاءِ ٽڪيٽ به گهرندو: صحافين سان ڳالهيون

گجرات (م ڊ) پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي پنهنجي ۽ پٽ طرفان عمران خان جو ساٿ ڏيڻ جو سبب ٻڌائي ڇڏيو. گجرات ۾ صحافين سان ڳالهائيندي پرويز الاهي چيو ته شهباز شريف جي مغليه سوچ کان اسان اڳ ئي واقف آهيون. شهباز شريف کي وزيراعظم بڻائي قوم کي ڪهڙو تحفو پيش ڪيو ويو؟ هن چيو ته اسلام آباد تائين محدود ان خاندان کي ماڊل ٽائون ڪيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان جي عادت آ اڳ ۾ ڳچي پڪڙيندو آ پوءِ پيرين پوندو آهي: طلال چوڌري

عمران خان حڪومت مان نڪتو ته چيائين آمريڪا سازش ڪئي، پوءِ آمريڪين سان ملاقاتون شروع ڪيون

وزيراعظم هائوس کي ڪير نشانو بڻائي رهيو آهي؟ ڇا اها خلائي باقيات آهي، جنهن عمران خان کي اقتدار ڏياريو

جاچ سان خبر پوندي ته ڳالهه کي ٽوڙيو مروڙيو ويو، جاچ ضرور ٿيڻ گهرجي، اهو پاڪستان جي سلامتي جو معاملو آهي

فيصل آباد (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ طلال چوڌري چيو آهي ته عمران خان جي عادت آ اڳ ۾ ڳچي پڪڙيندو آ پوءِ پيرين پوندو آهي. فيصل آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي طلال چوڌري چيو ته عمران خان حڪومت مان نڪتو ته چيائين آمريڪا سازش ڪئي، پوءِ هن آمريڪي اهلڪارن سان ملاقاتون ۽ ڳالهيون وڌيون شروع ڪيون. عمران خان قوم سان ڪوڙ ڳالهايو هن چيو ته مريم نواز جي گفتگو ميرٽ جي ڳالهه ٿي. وزيراعظم هائوس کي ڪير نشانو بڻائي رهيو آهي؟ ڇا اها خلائي باقيات آهي، جنهن عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آڊيو ثبوت آهي ته ڪو غير قانوني ڪم ناهي ٿيو، نه ئي ڪنهن کي ڪو ناجائز فائدو پهچايو ويو: مريم اورنگزيب

عمران خان هائوسنگ سوسائٽي جي گرڊ اسٽيشن لڳائڻ جي باري ۾ 18 جولاءِ 2022 جو هاءِ ڪورٽ ملتان بينچ جو فيصلو پڙهي

پرڏيهي فنڊنگ عيوض پاڪستان جي آزادي، خود مختياري ۽ معيشت جو سودو ڪندڙ رڙيون ڪري رهيو آهي

عمران خان کي ڪاوڙ ان ڳالهه جي آهي ته آڊيو ۾ به ڪا غير قانوني شئي برآمد نه ٿي سگهي

اسلام آباد (م ڊ) سنڌ سماء بابت وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته آڊيو ثبوت آهي ته ڪو غير قانوني ڪم ناهي ٿيو نه ئي ڪنهن کي ڪو ناجائز فائدو پهچايو ويو. عمران خان جي ڪرڪ جلسي تي ردعمل ڏيندي مريم اورنگزيب تحريڪ انصاف چيئرمين جي خطاب کي "بي شرمي" قرار ڏنو ۽ چيو ته ڀارت سان بجلي جو پلانٽ عمران خان جي حڪومت جي پاليسي ۽ قانون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

جماعت اسلامي جو ٽرانس جينڊر بل ۾ تبديلي نه ڪرڻ تي مارچ جو چتاءُ

ڪدڙن ڦقيرن جي حقن جو تحفظ ڪندا آهيون پر ان جي آڙ ۾ ثقافت، تهذيب ۽ اسلامي قدر کي ختم نه ڪرڻ ڏينداسين: سراج الحق

جماعت اسلامي ٽرانس جينڊر بل ۾ تبديلي لاءِ تجويزون ڏنيون آهن پهريون ورياج ۽ هاڻ ٽرانس جينڊر بل جي معاملي تي اسان جو جهيڙو نظام سان آهي

ڊاڪٽر عافيا صديقي لاءِ نه بلاول، نه شهباز شريف ۽ نه ئي عمران خان ڳالهايو آهي، هي سڀ آمريڪي غلام آهن

ديربالا (م ڊ) جماعت اسلامي جي امير سراج الحق ٽرانس جينڊر بل جي حوالي سان حڪومت کي الٽي ميٽم ڏئي ڇڏيو آهي. ديربالا ۾ جلسي کي خطاب ڪندي سراج الحق جو چوڻ هو ته ڪدڙن ڦقيرن جي حقن جو تحفظ ڪندا آهيون پر ڪدڙن ڦقيرن جي آڙ ۾ ثقافت، تهذيب ۽ اسلامي قدر کي ختم نه ڪرڻ ڏينداسين. سندس چوڻ هو ته جماعت اسلامي ٽرانس جينڊر بل ۾ تبديلي لاءِ تجويزون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

تائيوان معاملي تي واشنگٽن باهه سان راند ڪيڏي رهيو آهي: روس جو پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف

نيويارڪ (م ڊ) نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي سٺهترين جنرل اسيمبلي اجلاس جي موقعي تي پنهنجي خطاب ۾ روس جي پرڏيهي وزير سرگئي لاوروف چيو آهي ته تائيوان معاملي تي واشنگٽن باهه سان راند ڪيڏي رهيو آهي. روس جي پرڏيهي وزير پنهنجي خطاب ۾ يوڪرين جنگ جي ڳالهه ۽ روس تي اولهه جي پابندين ۽ تائيوان معاملي تي آمريڪي موقف کي سخت تنقيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حيدرآباد: ٻوڏ متاثر ٻارڙا ٽينٽ هيٺ اس کان بچاءُ ڪندي

نئين آرمي چيف کي ملڪ لاءِ جان ڏيڻي پئي ته ڏيندو: حنيف عباسي

اسان جا فوجي آفيسر بهادر آهن ڪين ملڪ لاءِ مرڻو پيو ته مرندا، آرمي چيف جي ايڪسٽينشن وزيراعظم جو اختيار آهي

جرنيل محب وطن هوندا آهن جيڪو به نئون آرمي چيف ايندو ڪيس وطن لاءِ مرڻو پيو ته هو مرندو

راولپنڊي (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ نواز جي اڳواڻ حنيف عباسي چيو آهي ته اسان جا فوجي آفيسر بهادر آهن ڪين ملڪ لاءِ مرڻو پيو ته مرندا. آرمي چيف جي ايڪسٽينشن وزيراعظم جو اختيار آهي. راول پنڊي ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ امدادي شين ورهائڻ کان پهرين ميڊيا سان ڳالهائيندي هن اهم بيان ڏئي ڇڏيا. آرمي جي ايڪسٽينشن بابت حنيف عباسي چيو ته جرنيل محب وطن هوندا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

dailyaasoffical 0322-3921123
dailyaasoffical 0335-7558367
www.dailyaas.com.pk Email-dailyaashyd@gmail.com
ڪراچي آفيس: رابطي لاءِ 10 ٻي 1-ٽئون فلور، فرسٽ جامي ڪمرشل اسٽريٽ، فيز VII ڊي ايڇ اي، ڪراچي. فون نمبر: 021-35317757
حيدرآباد آفيس: آفيس 1 بيسمينٽ ممتاز هائيٽس نيئر حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد. فون نمبر 022-2782921

روزاني
آس
ايڊيٽر: عاطف صادق

پبلشر افشان عاطف سمر پرنٽرز جي 1، گرائونڊ فلور بي آر آر ٽاور حسن علي اسٽريٽ، آءِ آءِ چندريگر روڊ مان ڇپرائي آفيس نمبر 1 بيسمنيٽ ممتاز هائٽس گاڏي کاتا حيدرآباد مان پڌري

اداريو ۽ راءِ

هي گداگري ڪيستائين؟

ڳڏيل قومن پاران ڪنهن به صورتحال سبب متاثر ملڪن کي جاري ڪيل امدادي تاريخ جا جيڪڏهن پنا اٿلائي ڏسجن ته شايد ئي ڪنهن ملڪ لڳاتار ايتري امداد گهري هجي، جيتري امداد هر دور ۾ پاڪستان گهرندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته هيلوڪي برساتي ٻوڏ ملڪ اندر جيڪا تباهي آندي آهي، تنهن ۾ ٿيل نقصان جي ازالي لاءِ عالمي برادري جي سهڪار کان سواءِ پاڪستان جهڙو ڪُٺل يا ايئن ڪٿي چئجي ته بدعنوان حڪمران طبقن پاران لُٽيل ۽ معاشي طور پينگو ڪيل هي ملڪ، اڪيلي سر منهن ڏيڻ جو سوچي به نٿو سگهي پر سوال اهو آهي ته آخر ڪيستائين؟ ڇاڪاڻ ته هي ڪو پهريون ڀيرو ته ناهي جو پاڪستان ڳڏيل قومن يا عالمي برادري کي مدد لاءِ سڏيو هجي. هن کان اول به ڪئين ڀيرا پاڪستان ڳڏيل قومن آڏو امداد لاءِ پڪاريندو رهيو آهي. پوءِ اهو 2005 ۾ ڪشمير وارو زلزلو هجي، 2010ع واري مها ٻوڏ يا ڪجها ٻيو ان قسم جا ٻيا به نوان پراڻا بحران جاچي ڏسبا ته پاڪستان عالمي برادري جي اڳيان سدائين جهولي جهليندي نظر ايندو.

پوءِ ٿيو ڇا؟ ٿيو اهو جو جيڪا امداد پهتي هوندي، تنهن جا ڪي به اصل انگ اکر حقيقي معني ۾ عوام جي سامهون ڪڏهن به نه آندا ويا هوندا ۽ نتيجو اهو نڪتو هوندو جو ڪاغذن ۾ ته عالمي امداد متاثر علائقن ۾ خرچ ڪيل ڏيکاري وئي هوندي پر متاثر مقامي ماڻهن جو حال اڳي کان به خراب ٿيل هوندو ۽ ان ڪري جو ان امداد جو مال متاثر عوام بدران حڪمرانن ۽ آفيسر شاهي جي اهڙن ڳجهن اڪائونٽس حوالي ٿيل هوندو، جنهن جو ڪنهن کي پتوئي نٿو پوي.

هن وقت به اها ساڳي صورتحال سامهون آهي. ڳڏيل قومن جي ستهترهين اجلاس ۾ ويل پاڪستان جي وزيراعظم ميان شهباز شريف جا عالمي برادري کي ايلاز ٻڌي ڇا لڳي ٿو ته هن ملڪ کي آزاد ٿئي کي مٿي صدي جو عرصو گذريو آهي؟ نه. توهان کي لڳندو ته هي ڪو اهڙو ملڪ آهي، جنهن کي ڄائي اڃا ڪي ٻا ٽي ڏينهن مس ٿيا آهن يا اڃان ايئن ڪٿي چئون ته چلي به ڪانه ٿي اٿس!! جڏهن ته اسان سان گڏ يا اسان کان پوءِ آزاد ٿيل ملڪن پنهنجي معاشي پالهرائي جا لاٽي ڪٿي وڃي خيما کوڙيا آهن ايئن جيئن اسان جي ئي ڪُک مان جنم ورتل بنگلاديش به اسان کي هاڻ امدادون ڏيئي رهيو آهي. سبب ڇاهي؟ سبب اهو آهي ته هتان جي حڪمران طبقن جي لالچ جي ڪا به حد ناهي ۽ هن وقت تائين تاريخ ۾ جيڪي به امدادون ايندڙ رهيون آهن، سي اصلي معنيٰ ۾ ڪڏهن خرچ ٿيون ٿي ناهن. سو هن ڀيري جي به خدا کي خبر آهي ته ڇا ٿيڻو آهي باقي ماضي جا تجربا ته انتهائي مايوس ڪندڙ رهيا آهن.

بهرحال ڳڏيل قومن جي اجلاس ۾ ميان شهباز شريف ڳڏيل قومن کي ٻڌايو آهي ته اسان جو 30 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو آهي ۽ اهو سمورو نقصان انهي عالمي گرمي پد ۾ آيل اضافي جو نتيجو آهي. جنهن گرمي پد وڌڻ جي بنيادي سببن سان اسان جو اچي ٽڪو وڃي. جو اها گرمي ۽ انهي گرمي جي نتيجي ۾ ٿيندڙ ماحولياتي تبديلي وڏن صنعتي ملڪن جي اصل ڪارگذاري آهي. تنهن ڪري پاڪستان جي مدد ڪئي وڃي. پاڪستاني وزيراعظم عالمي برادري کي اهو به ٻڌايو آهي ته جيڪڏهن مهل سان اسان جي مدد نه ڪئي وئي ته پاڪستان ۾ ٻارنهن ملين ماڻهو غربت جي لڪير کان به هيٺ هليا ويندا. هڪڙي پاسي پاڪستاني وزيراعظم جون عالمي برادري کي اهي اپيلون آهن ته ٻئي پاسي ڳڏيل قومن جي سيڪريٽري به سرمائيدار شاهوڪار ملڪن کي چيو آهي ته اهي پاڪستان لاءِ قرض جي واپسي واري مهلت وڌائين ته جيئن پاڪستان پنهنجي ٻوڏ متاثر آبادي جي بحالي واري ڪم تي ڪجهه ڌيان ڏيئي سگهي. ڳڏيل قومن جي سيڪريٽري پڻ پاڪستان ۾ آيل ٻوڏ کي ماحولياتي بگاڙ جو نتيجو قرار ڏنو آهي. اها ٻوڏ جنهن ۾ ڳڏيل قومن جي انگن اکرن موجب پاڪستان اندر 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو متاثر ٿيا آهن ۽ 1576 انساني جانيون موت جو ڪاچ بڻيون آهن. واضح رهي ته ڳڏيل قومن جي سيڪريٽري کان سواءِ آمريڪي سينيٽ جي پرڏيهي معاملن واري ڪميٽي جي چيئرمين پڻ دنيا کي ٻڌايو آهي ته پاڪستان ۾ لڳ ڀڳ چار ڪروڙ ماڻهو ٻوڏ سبب لڏپلاڻ تي مجبور ٿيا آهن.

مٿيون سمورو منظرنامو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته عالمي برادري کي پاڪستان ۾ آيل تباهي جو هڪ حد تائين احساس آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن پهرئين مرحلي ۾ خوراڪ ۽ دوائن کان ويندي مالي مدد ڪئي پڻ آهي ۽ ڳڏيل قومن جي سيڪريٽري جي اپيل کان پوءِ ظاهر آهي ته امداد پڻ ٿيندي پر سوال اتي وري به ساڳيو ئي سامهون آهي ته هي ملڪ امداد تي اجا ڪيترو وقت هلندو؟ جيئن تازو پاڪستان ۾ ڊيمن جي تباهي جي نقاد ۽ درياهن سان پيار ڪندڙ پاڻي ماهر حسن عباس هڪ انٽرويو ۾ اهو ٻڌائي رهيو هو ته پاڪستان ۾ هيلوڪي برساتي ٻوڏ بابت هن جڏهن جرمني جي پنهنجي هڪ سنگي سان حال احوال ڪيا تڏهن جرمني جي همراهه حسن عباس کان اهو سوال ڪيو ته هيلوڪي ٻوڏ جي حوالي سان ڪنهن به امداد جو معاملو ان ڳالهه کان پوءِ ٿو اچي جو پهرين اهو ته ٻڌايو وڃي ته ڪشمير ۾ آيل 2005ع واري وڏي زلزلي کان پوءِ جرمني جيڪا پاڪستان جي مدد ڪئي هئي، سا ڪٿي خرچ ٿي يا اهو ته آئيندي اهڙين تباهين کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان ڪهڙي رٿابندي ڪئي؟ پاڻ کي اها ته خبر ناهي ته حسن عباس سنڌي جرمني واري يار کي ڪهڙو جواب ڏنو پر جڳ جهان جي سامهون اها حقيقت عيان آهي ته پاڪستان جهڙو ملڪ جيڪو پنهنجي معيشت کي ڏهاڙي تي هلائي ٿو ۽ هن ملڪ ۾ پاليسيون جيڪي به ٺهن ٿيون، تن جو عوامي ڀلائي سان پري جو به واسطو ناهي هوندو. تنهن ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ وري ڪهڙي رٿابندي! ؟ تنهن ڪري هن ڀيري به گهڻا تڻا امڪان اهي ئي آهن ته جيڪا به امداد ايندي، تنهن جو حشر به اهو ئي ٿيڻو آهي، جهڙو ان کان اڳ آيل امدادن جو ٿيو آهي.

خير اهو ته آهي پاڪستان جي مجموعي صورتحال جو منظرنامو پر ان ۾ به وري جڏهن ذڪر سنڌ جو اچي ٿو تڏهن اڃان به گهڻي مايوسي ٿئي ٿي. سنڌ جيڪا هيلوڪي ٻوڏ ۾ ملڪ جي باقي سڀني حصن کان وڌيڪ متاثر ٿي آهي. تنهن جو هاڻوڪو حال ڏسي ڇا توهان کي لڳي ٿو ته هن صوبي ۾ ڏيڍ ڏهاڪي کان ڪنهن اهڙي ڌر جي حڪومت آهي، جيڪا عوام کي طاقت جو اصل سرچشمو سمجهندڙ هجي، هڪ اهڙي ڌر جنهن جي اها دعوا رهندي آئي آهي ته اها ئي ملڪ جي واحد حقيقي جمهوري پارٽي آهي، جيڪا ڌر ارڙهين آئيني ترميم کان پوءِ پٺ تي پير نه رکندي هجي ۽ ارڙهين آئيني ترميم کي صوبائي خود اختياري جي تناظر ۾ وڏو انقلاب ڄاڻائيندي اهو چوندي هجي ته ان ترميم کان پوءِ صوبن کي هاڻ ڪنهن به ڳڻتي ڪرڻ جي ضرورت ناهي، جو صوبن جا وسيلا هاڻ صوبن جي هٿ وس آهن!! سنڌ جي حاڪمن جي اهڙي دعوا کان پوءِ هاڻ هيلوڪي ٻوڏ جي حوالي سان سنڌ حڪومت کان اهو سوال ڪرڻ جو حق رکون ٿا ته ڪيڏانهن ويا اهي سنڌ جا وسيلا جيڪي سنڌ تي خرچ ٿيڻا هئا؟ سڀ ڪوڙ آهي سڀ دولاب آهي.

اصل ۾ ڳالهه وري به اها ئي ٿي وڃي ٿي ته سرمائيداري جا ڳيجهو هي جاگيردار حڪمران، عوام جي اهنجن جا نه ڪالهه طبيب هئا، نه اڄ آهن ۽ نه سڀاڻي ئي انهن مان ڪو آسرو رکي سگهجي ٿو. سنڌ سميت سموري ملڪ جي مسڪين ماڻهن جي قسمت اوستائين تبديل ٿي سگهي ٿي نٿي، جيستائين عوام جي حقيقي حڪمراني قائم ٿئي، سو جيستائين عوام جي حقيقي حڪمراني جو سورج هن ملڪ ۾ نروار ٿئي، تيستائين هتان جا بدعنوان حڪمران طبقا ايئن ئي ڳڏيل قومن کان گداگري ڪندا رهندا ۽ انهي گداگري جي نتيجي ۾ جيڪو به ڪٽي ڪاسو کين ملندو سو هو پنهنجن تجورين ۾ ئي ڀريندا رهندا.

تنهن ڪري سنڌ ۾ هن وقت سمورين روشن خيال ترقي پسند، وطن دوست سياسي ڌرين تي اهو فرض لاڳو ٿئي ٿو ته اهي سنڌ ۾ بحالي جي ڪمن تي نظر رکن ۽ لڳاتار عوام کي اها آگاهي ڏينديون رهن ته سنڌ حڪومت ڇا ڪري رهي آهي. باقي آجپي جو پنڌ هوندئي ڏکيو آهي ۽ اهو پنڌ جدوجهد ۽ ملندڙ آخري فتح تائين اصل عوامي انقلابي ڌرين کي ئي جاري رکڻو آهي، سو لازمي جاري رکبو.

مٿيون سمورو منظرنامو ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته عالمي برادري کي پاڪستان ۾ آيل تباهي جو هڪ حد تائين احساس آهي ۽ ڪيترن ئي ملڪن پهرئين مرحلي ۾ خوراڪ ۽ دوائن کان ويندي مالي مدد ڪئي پڻ آهي ۽ ڳڏيل قومن جي سيڪريٽري جي اپيل کان پوءِ ظاهر آهي ته امداد پڻ ٿيندي پر سوال اتي وري به ساڳيو ئي سامهون آهي ته هي ملڪ امداد تي اجا ڪيترو وقت هلندو؟ جيئن تازو پاڪستان ۾ ڊيمن جي تباهي جي نقاد ۽ درياهن سان پيار ڪندڙ پاڻي ماهر حسن عباس هڪ انٽرويو ۾ اهو ٻڌائي رهيو هو ته پاڪستان ۾ هيلوڪي برساتي ٻوڏ بابت هن جڏهن جرمني جي پنهنجي هڪ سنگي سان حال احوال ڪيا تڏهن جرمني جي همراهه حسن عباس کان اهو سوال ڪيو ته هيلوڪي ٻوڏ جي حوالي سان ڪنهن به امداد جو معاملو ان ڳالهه کان پوءِ ٿو اچي جو پهرين اهو ته ٻڌايو وڃي ته ڪشمير ۾ آيل 2005ع واري وڏي زلزلي کان پوءِ جرمني جيڪا پاڪستان جي مدد ڪئي هئي، سا ڪٿي خرچ ٿي يا اهو ته آئيندي اهڙين تباهين کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان ڪهڙي رٿابندي ڪئي؟ پاڻ کي اها ته خبر ناهي ته حسن عباس سنڌي جرمني واري يار کي ڪهڙو جواب ڏنو.

ارشاد لغاري

عوام جون معاشي ڏکيائيون ختم ڪيو

حڪومت جي معاشي قدمن مان لڳي ايئن رهيو آهي ته هو هڪ عوام مخالف ايجنڊا کڻي آئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هو مهانگائي مٿان مهانگائي ڪري رهي آهي. ملڪ ۾ معاشي بهتري جا امڪان نظر نه پيا اچن هڪ ٻڌڻ واري صورتحال آهي. جنهن معاشي گهوٽالي کي اڃا به تيز ڪري ڇڏيو آهي. هن ملڪ ۾ ڏينهن ته حڪمرانن جا تبديل ٿيندا آهن. عوام لاءِ ته ڪو به ڏينهن تبديل ناهي ٿيندو عوام لاءِ رڳو چهرا تبديل ٿيندا آهن. پر عوام دشمن معاشي پاليسيون جاري رهنديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ به مهانگائي کي پر لڳل آهن. ڪا به شئي اهڙي ناهي جيڪا مهانگائي جي حملي کان بچي هجي.

شماريات کاتي موجب هلندڙ هفتي دوران ڏهن شين جي اگهن ۾ لاٿ ۽ 26 جي قيمتن ۾ واڌ ٿي آهي 26 شين ۾ اٽو، کنڊ ۽ چانهه شامل آهن. ٻئي پاسي ملڪ ۾ اٽي جي اگهه ۾ رڪارڊ اضافو ٿيو آهي هڪ هفتي ۾ اٽي جو 20 ڪلو ٿيلهو 406 رپيا 89 پيسا مهانگو ٿيو. ڳٿب واري اداري مطابق ملڪ ۾ 20 ڪلوگرام جي وڌ کان وڌ قيمت 2400 رپيا تائين آهي. هلندڙ هفتي اٽي جي قيمت ۾ سڀ کان وڌيڪ اضافو پشاور ۾ رڪارڊ ٿيو جتي اٽي جي في ڪلو قيمت ۾ هڪ هفتي ۾ 58 رپين تائين اضافو ٿيو پشاور ۾ 20 ڪلو اٽو 980 رپين مان وڌي 2150 رپيا جو ٿيو. ڳٿب واري اداري مطابق ڪراچي ۽ ڪوئيٽا ۾ 20 ڪلو اٽي جي قيمت 2400 رپيا ٿي وئي. ڪراچي ۽ ڪوئيٽا ۾ هڪ ڪلو اٽو 120 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي حيدرآباد ۾ 20 ڪلو اٽو 2300 رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي خضدار ۽ لاڙڪاڻو ۾ اٽي جو 20 ڪلو ٿيلهو 2200 رپين جو ٿي ويو سکر ۾ اٽي جو 20 ڪلو جو ٿيلهو 2040 ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي بنون ۾ اٽي جو 20 ڪلو جو ٿيلهو 1950 مان وڌي 2100 رپين جو ٿي ويو اسلام آباد، راولپنڊي ۽ لاهور ۾ 20 ڪلو اٽو 980 مان وڌي 1295 رپيا ٿي ويو گجرانوالا، سيالڪوٽ، فيصل آباد ۽ ملتان ۾ 20 ڪلو اٽو 980 مان وڌي 1295 رپين جو ٿي ويو.

هي اهي ساڳيا حڪمران آهن جيڪي اڳوڻي حڪومت جي دور ۾ مهانگائي خلاف مارچ ڪندا هئا. هاڻي مهانگائي ۾ اڳوڻي حڪومت کي به مات ڏئي رهيا آهن. ان مان اهو ئي ثابت ٿئي ٿو ته عوام حڪمرانن جي ايجنڊا جو حصو ناهي. هنن وٽ حل صرف هڪڙو آهي. اهو آهي آءِ ايم ايف. اهو ئي سبب آهي جو آءِ ايم ايف کان قرض ملڻ کي به حڪمران وڏو اعزاز سمجهن ٿا. هن مهل حڪمران جن معاشي پاليسين تي عمل ڪري رهيا آهن اهي آءِ ايم ايف جا ئي طئي ٿيل آهن آءِ ايم ايف جو ڪردار ڪهڙو آهي. ان جو اندازو ان خلاف دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٿيندڙ عوامي احتجاجن مان ڪري سگهجي ٿو آءِ ايم ايف هڪ عوام دشمن عالمي مالياتي ادارو آهي. هتان جا حڪمران وري ويٺا ئي آءِ ايم ايف جي آسري ۾ آهن. ان مان اهو ئي واضح ٿئي ٿو ته حڪمرانن وٽ پنهنجي ڪا به معاشي پاليسي ڪانهي. اها مڪمل طور عوام مخالف ايجنڊا آهي. ملڪ جي عوام کي پوري طرح آءِ ايم ايف جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي.

حڪمرانن وٽ بس رڳو هڪ معاشي پاليسي آهي جيڪا عوام جو وڌ ۾ وڌ رت ستڻ واري ئي پاليسي آهي. اسان سمجهون ٿا ته اها صورتحال ڪنهن به ريت عوام جي حق ۾ نٿي چئي سگهجي. حڪمران چون ٿا ته اڳوڻي سرڪار جي ڪري هي مهانگائي ٿي آهي ان ۾ نئين ڪهڙي ڳالهه آهي! اڳوڻي سرڪار جڏهن حڪومت ۾ آئي هئي ته ان به اهو چوڻ شروع ڪيو هو ته ان اڳ واري سرڪار جي پاليسين جي ڪري مهانگائي ٿي رهي آهي. پر هن حڪومت ۽ اڳوڻي حڪومت ۾ ڀلا فرق ڪهڙو ٿيو؟ هو حڪومت به اڳوڻي سرڪار تي الزام هڻي پنهنجا عوام دشمن ڪرتوت لڪائيندي هئي. هي حڪومت به اڳوڻي سرڪار تي الزام هڻي پنهنجين عوام دشمن پاليسين جو بار پاڻ تان هلڪو ڪري رهي آهي. اسان سمجهون ٿا ته حڪمرانن کي هاڻي اهڙي روش ختم ڪرڻ گهرجي. هاڻي سڀ اختيار حڪمرانن وٽ آهن. هو جيڪڏهن چاهين ته گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا. آخر ڪيستائين پنهنجين ڪوتاهين جو بار اڳوڻين حڪومتن جي ڪلهي تي وجهي پاڻ آجو ڪرڻ جو سلسلو هلندو؟ هي وقت عوام کي رليف ڏيڻ جو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ملڪي تاريخ ۾ جيڪي اڳوڻن حڪمرانن جا ٽي چار سال گذريا آهن. اهي عوام لاءِ ڪنهن وڏي مصيبت کان گهٽ نه هئا. اڳوڻي حڪومت واقعي هڪ سونامي بڻجي آئي ۽ عوام جو سڀ ڪجهه تباهه ڪري هلي وئي. پر هاڻي جيڪڏهن نوان حڪمران آيا آهن ته انهن کي عوام کي رليف ڏيڻ گهرجي. مهانگائي تي ضابطو آڻي عام ماڻهن جي معاشي ڏکيائين کي ختم ڪيو وڃي.

عمران نيازيءَ جي حڪومت خلاف نئين تحريڪ



اختر حفيظ

عمران خان نيازي هڪ ڀيرو وري اعلان ڪيو آهي ته هو حڪومت خلاف مهم شروع ڪندو. امڪاني طور هن ايندڙ ڏينهن (ڇنڇر) کان پنهنجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو هو. هو هن حڪومت کي پهرين ڏينهن کان وٺي ڪونه پيو قبول ڪري ۽ اهڙي ريت هو نه رڳو هاڻوڪي حڪومت جي خلاف آهي پر انهن ڪردارن خلاف به آهي جيڪي هاڻوڪي حڪومت سان ڪلهي ڪم ڪري رهيا آهن جن ۾ فوج پڻ شامل آهي. پي ٽي آءِ ۽ عمران خان نيازي لاڳيتو فوج کي نشانو بڻائيندا پيا اچن ان هوندي به هو نه رڳو آزاديءَ سان گهمي ڦري رهيو آهي. ڳالهائي رهيو آهي پر کيس عدالتون به ڪجهه چوڻ لاءِ تيار نه آهن.

تازو توهين عدالت واري ڪيس ۾ هن تي فرد جرم لاڳو ٿيڻو هو پر عدالت سندس معافي تي فرد جرم لاڳو نه ڪيو جڏهن ته ماضي ۾ جن سياستدانن عدالتن کان معافي ورتي انهن کي به توهين عدالت ۾ سزا ڏني وئي پر عمران خان نيازيءَ جو وارو اچڻ تي ڪا به سزا ناهي ڏني وئي. جنهن تاريخ تي فرد جرم لاڳو ڪرڻو هو ان ڏينهن تي اسلام آباد هائيڪورٽ عمران خان نيازيءَ کي وڏو رليف ڏئي ڇڏيو جنهن کان پوءِ اهو تاثر جڙيو ته عدالت وٽ به ٻٽا معيار آهن هڪڙن سياستدانن لاءِ معافي کان پوءِ سزا آهي ۽ هڪڙن لاءِ ڪا سزا ناهي. جيڪڏهن عمران خان نيازي معافي نه به وٺي ها ته هن کي ڪا اهڙي سزا ڪانه ملي ها. جنهن سان هن جو سياسي ڪيريئر ختم ٿي وڃي ها. اهڙوئي فيصلو اليڪشن ڪميشن پاران به ايندو ڇاڪاڻ ته هن لاءِ جهڙي ريت 2013ع کان پوءِ هر حوالي سان رستا صاف ڪيا ويا آهن اهو سلسلو اڃا تائين هلندو پيو اچي. هن کي ڪو لهر نه ڪولوڙو آهي. جيڪڏهن عمران خان نيازيءَ جي جاءِ تي ڪو پيپلز پارٽيءَ جو اڳواڻ اهڙي ٻولي ڳالهائي ها ته هن وقت ان جو ڪهڙو حشر ڪيو وڃي ها. ان تي وڌيڪ لکڻ جي ضرورت ڪانهي.

پر جيئن ته عمران خان نيازيءَ کي هڪ پراجيڪٽ ڪري سياسي ميدان ۾ لانچ ڪيو ويو هو ۽ هو اسٽيبلشمينٽ جي ڪلهن تي چڙهي وزير اعظم ٿيو هو تنهنڪري جيڪي ڪجهه هو ماضي ۾ ڳالهائيندو رهيو آهي يا هاڻ ڳالهائي رهيو آهي، اهو سڀڪجهه هن کي اسٽيبلشمينٽ ئي سيکاريو آهي. هو جيڪڏهن سياستدانن کي گاريون ڏئي ٿو انهن کي چور ۽ غدار چوي ٿو ته اهڙي ٻوليءَ جو استعمال هن کي انهن ئي سيکاريو آهي. جن کيس پنهنجو مسيحا سمجهيو هو رڳو عمران خان نيازيءَ کي سياسي ميدان ۾ متعارف ڪرائڻ لاءِ ملڪ ۽ ميڊيا جي نڙيءَ تي ننهن ڏنو ويو عدالتن مان مرضي جا فيصلا ڪرايا ويا. فوج تي ان کان اڳ ۾ ايتري سخت تنقيد نه ڪئي وئي. ملڪ جي سياسي ماحول کي ايترو خراب ڪيو ويو جو جيڪي سياستدان سٺا هئا، انهن جو تاثر به خراب ڪيو ويو عوام ۾ ان ڳالهه کي هٿي ڏني وئي ته عمران خان نيازيءَ کان سواءِ ملڪ ۾ ڪو به اهڙو سياستدان ناهي. جيڪو سٺو هجي يا جيڪو عوام جي ڀلي لاءِ ڪو ڪم ڪري سگهندڙ هجي.

پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جيڪا سياست ڪئي وڃي ٿي يا جيڪا سياست پهرين ڏينهن کان متعارف ڪرائي وئي آهي. اها اهڙي ئي رهندي آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ ڪنٽرولڊ سياست اهڙي ئي هوندي آهي. هاڻ جڏهن اسٽيبلشمينٽ اهو چوڻ شروع ڪيو آهي ته اها غيرسياسي ٿي چڪي آهي ۽ اها عمران خان نيازيءَ جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا مداخلت نه ڪندي ته عمران خان نيازيءَ کي به اهو احساس ٿيڻ شروع ٿي ويو آهي ته هو ان جي سهاري کان سواءِ ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. حيرت ته انهي ڳالهه تي آهي ته هو اها دعويٰ ڪري ٿو ته هو اسٽيبلشمينٽ جي سهاري وسيلي اقتدار ۾ ڪونه آيو هو ۽ نه ئي هو جي ايڇ ڪيو جي نرسريءَ ۾ پليو آهي. ملڪ جي سياسي تاريخ شاهد آهي ته ڪهڙي ريت عمران خان نيازيءَ کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ ثاقب نثار جهڙن ججن ڪردار ادا ڪيو هو نواز شريف کي نا اهل ڪرائي عمران خان نيازيءَ لاءِ رستا صاف ڪيا ويا. 2018ع وارين چونڊن سندس پارٽي حڪومت ٺاهڻ جي قابل نه هئي تنهن هوندي به آزاد اميدوارن کي گڏ ڪري پارٽيءَ ۾ زوري شامل ڪيو ويو ۽ اهڙي ريت جهانگير ترين جي جهاز ڪرامت ڏيکاري ۽ پي ٽي آءِ جي هڪ فاشسٽ حڪومت وجود ۾ آئي هئي.

پر ان تجربي مان ڇا پرايو ويو؟ ملڪ جي معيشت کي تباهه ڪيو ويو. سياسي ماحول جي ٽڪا ويڙهه ڪئي وئي. سياستدانن کي بنا ڏوهن جي جيلن ۾ واڙيو ويو ميڊيا ۾ هنگامو بحران پيدا ڪري، ميڊيا جو ڪردار ايترو ته محدود ڪيو ويو جو حڪومت جي واکاڻ کان سواءِ ڪا خبر هلائڻ ڏکيو ٿي ويو ان کان سواءِ پاڪستان عالمي طور جنهن اڪيلائيءَ جو شڪار ٿيو. اها پاڻ ڏسڻ وٽان هئي. پرڏيهي پاليسيءَ جي حالت اها هئي جو عمران خان نيازي رڳو پنهنجي مشهوريءَ ۾ لڳو پيو هو پر ملڪي صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ڇاڪاڻ ته هو اقتدار ۾ اچي رڳو پنهنجي سياسي مخالفن کي چٿڻ جي مشن تي لڳي ويو هو. جنهن ڪري نه رڳو ملڪ جي سياسي صورتحال بگاڙ جو شڪار ٿي وئي پر ملڪ معاشي ڏلڻ ۾ اهڙو ڦاٿو جو اڃا تائين نڪري ڪونه پيو سگهي. ظاهر آهي ته عمران خان نيازيءَ جي دور ۾ آيل تباهي ايترو جلدي ختم ڪانه ٿيندي. ويندي ويندي هن چالي واري پيٽرول جا اگهه ڪيرائي ڇڏيا ته جيئن ايندڙ حڪومت لاءِ مسئلو ٿئي. جڏهن هاڻوڪي حڪومت پيٽرول جا اگهه وڌايا ته عوام رڙيون ڪرڻ لڳو پر هيءَ حڪومت به پاڻ کي نا اهل ثابت ڪرڻ لاءِ، اهڙا ته عوام دشمن فيصلا ڪري رهي آهي جن جو فائدو عمران خان نيازيءَ کي ٿي رهيو آهي.

جيڪڏهن سياسي تجربا سياسي پارٽيون ڪن ته اها ڳالهه ٺهي ٿي. پر جيڪڏهن سياسي تجربا غير سياسي قوتون ڪن ته پوءِ ملڪ جو حشر اهڙو ئي ٿيندو آهي. جهڙو اسين اڄ ڏسي رهيا آهيون. ڇاڪاڻ ته اهڙن تجربن ۾ سياسي ڌريون ٻيوس ٿي وينديون آهن ۽ انهن لاءِ پنهنجي مرضيءَ سان فيصلا ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو آهي. نتيجي ۾ عمران خان نيازيءَ جهڙا نام نهاد سياسي اڳواڻ پيدا ٿي ويندا آهن جن لاءِ سماج ۾ اهو تاثر پيدا ڪيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ڪو ملڪ ۽ عوام کي بحران مان ڪڍي سگهي ٿو ته اهو فقط عمران خان نيازي آهي.

هن وقت عمران خان نئين آرمي چيف جي مقرري واري معاملي کي ڪٽي نئون محاذ کولي رهيو آهي پر آئيني طور آرمي چيف جي مقرري وقت جو وزير اعظم ڪري سگهي ٿو عمران خان نيازيءَ جو چوڻ آهي ته هڪ ڌوهاري وزير اعظم ڪنهن به ريت نئين آرمي چيف جي مقرري نٿو ڪري سگهي. جڏهن ته ان کان اڳ ۾ نواز شريف وڏ کان وڏا آرمي چيف مقرر ڪري چڪو آهي. نواز شريف تي به ڪيترائي ڪيس ماضي ۾ ٿيندا رهيا آهن شهباز شريف تي جيڪڏهن ڪيس آهن ته اهو فعل ان کي آرمي چيف جي مقرري کان نٿو روڪي. پر جيئن ته عمران خان نيازي اڄ ڪلهه سڌي ريت آرمي چيف تي حملي آور آهي. تنهنڪري سندس مرضي آهي ته ڪنهن به ريت نئين آرمي چيف جي مقرري هاڻوڪي حڪومت نه ڪري. جيڪڏهن هن جي وس ۾ هجي ته اپوزيشن ۾ هوندي به هو نئين آرمي چيف جي مقرري جو آرڊر ڪڍي ڇڏي.

پي ٽي آءِ جي سياسي مستقبل جو فيصلو ايندڙ چونڊن ۾ ٿي ويندو عمران خان نيازي جيئن ته اپوزيشن ۾ رهي رڙيون ڪرڻ جي گهڻي مشق ڪندو رهيو آهي. تنهنڪري امڪان آهن ته اهو سلسلو اڃا به جاري رهندو. هو جيترو ادارن جي خلاف ڳالهائيندو اوترو ئي پنهنجي لاءِ ڏکيائين کي وڌائيندو رهندو پر سندس پاڳ پلا آهن جو هن جا سهولتڪار اڃا به زور آهن.

بقايا 01

به ذڪر ڪندي چيو ته عالمي اڳواڻن کي موسمياتي تبديلي سبب پاڪستان تي پوندڙ اثرن ۽ پاڪستان جي نقطه نظر کان به آگاهه ڪيو آهي. شهباز شريف چيو ته عالمي اڳواڻن ٻوڏ سبب ٿيندڙ نقصانن تي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي پاڪستان جي مدد جو يقين ڏياريو آهي. هن چيو ته ڳڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ٻوڏ متاثرن جي بحالي لاءِ ڊونرز ڪانفرنس منعقد ڪرائيندو جڏهن ته بل گيٽس سان متاثرين جي ٻارن جي خوراڪ لاءِ ورلڊ فوڊ پروگرام مان مدد وٺڻ جي به ڳالهه ڪئي آهي. وزيراعظم چيو ته عالمي برادري ۽ پاڪستاني ادارن جي ڪوشش سان اسان انشاالله هن مشڪل صورتحال مان نڪري اينداسين. نيشنل فلڊ ريسپانس ڪوآرڊينيشن سينٽر جي اختيارين بحالي وارن ڪمن جي حوالي سان وزيراعظم شهباز شريف کي وڊيو لنڪ تي بريفنگ پڻ ڏني.

بقايا 02

آڊيو ليڪ ڪانڊ، قومي سلامتي واري معاملي تي وزيراعظم هائوس ۾ اجلاس ٿي سگهي ٿو. اها حڪومت ۽ وزيراعظم پاليسي سازي لاءِ ان ڪيمرا ملاقات سان مطمئن ٿي سگهن ٿا. اها وزيراعظم هائوس ۾ ڳجهي رڪارڊنگ سسٽم موجود آهي جنهن جي حڪومتي ميمبرن کي به خبر ناهي؟ حڪومت ان حوالي سان ڇا ڪندي، اڃا ڪا پاليسي ناهي. وزيراعظم هائوس جي اجلاس جي آڊيو ليڪ ۾ مسلم ليگ ن جا ميمبر ۽ وفاقي وزير ڳالهائڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن. وزيراعظم شهباز شريف کي مريم نواز جي ناٺيءَ لاءِ سهولت جي درخواست ڪرڻ واري آڊيو ليڪ ٿي وئي آهي ليڪ ٿيل آڊيو ۾ اتحادي سرڪاري عملدار مبينا طور شهباز شريف کي ٻڌائي ٿو ته مريم نواز پنهنجي ناٺي لاءِ پارٽ مان پاور پلانٽ گهرائڻ جو چئي رهي آهي شهباز شريف جواب ۾ چوي ٿو ته هو اسان جو ناٺي آهي. اوهان انهن جا اشوز ٻڌائي ڇڏيو پارٽ مان اڌ پلانٽ اچي چڪو آهي. مان مڃان ٿو ته اشو گهڻي ۾ پيچيدو ويندو. اوهان انهن سان ڳالهايو مان ترڪي مان واپس اچي انهن کي گهرائي سمجهائيندس. ٻيو شخص چوي ٿو ته اهو ڪم اسحاق ڊار کان ڪرايو. شهباز شريف چوي ٿو ته ٺيڪ آ. اٿين ئي ڪري ولو.

بقايا 03

جي لاءِ گذريل ڏينهن گرفتار ٿيندڙ سينئر صحافي اياز امير کي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس جي حوالي ڪيو ويو آهي. اياز امير کي ڊيوٽي جج زاهد ترمذي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. اياز امير عدالت ۾ موقف اختيار ڪيو ته مان پاڻ پوليس کي اطلاع ڏني. ايس ايڇ او کي فارم هائوس جي ايڊريس مون ڏني قتل وقت مان اسلام آباد ۾ نه چڪوال ۾ هئس. اياز امير جي وڪيل چيو ته منهنجي موڪل خلاف ڪو به ثبوت ناهي. جڏهن ته پوليس به تصديق ڪئي ته واقعي جي اطلاع اياز امير ئي ڏني هئي. وڪيل چيو ته اياز امير جو ايف آءِ آر ۾ نامزد به ناهي. جڏهن ته پوليس چيو ته هاءِ پروفائيل ڪيس آهي جوابدار جي والد کي جاچ ۾ شامل ڪرڻو آهي. پوليس طرفان اياز امير جي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي پر عدالت اياز امير کي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. ڊيوٽي جج محمد زاهد ترمذي اياز امير جو هڪ ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪيو.

بقايا 04

حامد خان هوندي، پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته 10 رڪني ايڊوائيزري ڪائونسل ۾ رئوف حسين، نجيب هارون، ارشد داد، جمال انصاري ۽ خالد مسعود شامل هوندا ان کان سواءِ سليم جان، يعقوب اظهار، شميم نوراني ۽ بختيار قصوري کي به پي ٽي آءِ جي ايڊوائيزري ڪائونسل جو ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته ايڊوائيزري ڪائونسل اهم قومي اشوز تي پارٽي چيئرمين کي پنهنجي راءِ ۽ سفارشون پيش ڪندي.

بقايا 05

ڪان آرڊر لاءِ رشوت وٺندڙ تعليم کاتي جي آفيسرز کي نه ڇڏينداسين. تعليم کاتي جي آفيسرن سان اجلاس ۾ ڳالهائيندي سردار شاهه چيو ته ڪنهن ايم اين اي يا ايم پي اي جو ماڻهو تنگ ڪري ته ٻڌايو. کين گرفتار ڪرائي سخت سزا ڏيارينداسين. غريب ماڻهن جي اهل اولاد کان نوڪرين لاءِ پئسا وٺڻ وڏو ڏوهه آهي. ٻارن کي حرام جي ڪمائي نه کارايو معصوم ٻارن جي تعليم تي ڌيان ڏنو وڃي.

بقايا 06

رهي آهي ته وڌيڪ مشينري به منهنجي ناٺي کي ڏياريو، هو ناجائز ڪم ڪرائي رهي آهي. هن چيو ته اهي سڀ پئسو ناهن ۾ لڳل آهن ۽ ٽيپ سان ثابت ٿي ويو ته ناٺي صاحب به پئسو ناهيو آهي. اسان سڀني تي فرض آهي ته حقيقي آزادي لاءِ جهاد ڪيون. غلامي ڪرڻ کان مرڻ بهتر آهي. تنهن ڪري مان وڙهندس. سندس چوڻ هو ته نواز شريف جا پٽ اربين رپين جي گهرن ۾ رهن ٿا. انهن مهانگن علائقن ۾ رهن ٿا. جتي برطانيا جو وزيراعظم به نٿو رهي سگهي. اسحاق ڊار جا پٽ به ٻاهر ٿا رهن. اهي پئسو ناهڻ لاءِ اقتدار ۾ ايندا آهن. اڳوڻي وزيراعظم موجب بلاول چئي ٿو ته عمران خان پنهنجو آرمي چيف آڻڻ چاهي ٿو. عمران خان کي آرمي چيف نه گهرجي پر عمران خان کي ميرٽ گهرجي.

بقايا 07

صورتحال ۾ پاڪستان کي 2 ارب ڊالر ڏيڻ تي غور شروع ڪري ڇڏيو آهي. عالمي بئنڪ جي نائب صدر مارٽن ريزر چيو ته ٻوڏ سبب قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک ٿيو آهي. عالمي بئنڪ پاڪستان جي مدد ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته وفاق ۽ صوبائي حڪومت سان ملي ٻوڏ متاثرين جي رليف لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. جاري ڪيل بيان موجب نائب صدر عالمي بئنڪ مارٽن ريزر ٻن ڏينهن جو پاڪستان جو دورو مڪمل ڪري ورتو آهي. ان دوران عالمي بئنڪ جي نائب صدر، گورنر اسٽيٽ بئنڪ، مملڪتي وزير، ناڻي ۽ منصوبه واري وزير سان به ملاقاتون ڪيون.

بقايا 08

عارف علوي جي تجويز آئين ۽ قانون کان سڌي ريت ڦرڻ آهي. هن چيو ته اتفاق جي هڪ ئي صورت آهي ته مقرري آئين ۽ طئي ٿيل طريقيڪار موجب هجي. آئين ۽ طئي ٿيل طريقيڪار خلاف هر ان تجويز کي رد ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، ٻڌڻ به پسند نه پيا ڪريون. حافظ حمدالله صدر عارف سان مخاطب ٿيندي چيو ته سپريم ڪورٽ سوري رولنگ ۽ قاضي عيسيٰ فيصلن ۾ توهان کي آئين ٽوڙيندڙ ۽ بدديانت چيو آهي. هڪ سرٽيفائيڊ آئين ٽوڙيندڙ ۽ بدديانت صدر اهم مقرري تي تجويز نٿو ڏئي سگهي. سندس چوڻ هو ته تجويز سان لڳي پيو ته موصوف رياست جا نه عمراني سياست جا وفادار آهن. عمران جي سياست سان وفاداري صدر علوي جي مجبوري آهي ته صدارت ڇڏي وڃي. توهان جي تجويز هڪ اهم مقرري کي تڪراري بڻائڻ جي ناپاڪ ڪوشش آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن صدر عارف علوي هڪ بيان ۾ چيو هو ته آرمي چيف جي مقرري هڪ اهم معاملو آهي ۽ ان تي سڀ جو اتفاق ٿيڻ گهرجي.

بقايا 09

وڃڻ لڳي آهي ته وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ وڃي. واضح رهي ته اربع ڏينهن اسحاق ڊار جي پاڪستان روانگي جي ٽڪيٽ ڪنفرم هئي پر هاڻ نواز شريف جي هدايت تي هو وزيراعظم سان گڏ ئي موٽندو.

بقايا 10

وقت لاءِ آهي. نومبر واري تبديلي آئين موجب هوندي. سندس چوڻ هو ته اسان جي رياستي سطح جي پاليسين ۾ ڪمزوريون رهيون آهن. ساڍن ٽن سالن جون خرابيون ساڍن ٽن مهينن ۾ ٺيڪ نه ٿينديون. مولانا فضل الرحمان وڌيڪ چيو ته جي يو آءِ، ٽرانسجينڊر بابت ترميم تيار ڪري ورتي آهي.

بقايا 11

ساڍا 3 لک ڊالرن ۾ موجود آهي. هن چيو گفتگو مان لڳي ٿو ته فيصلا لنڊن ۾ ٿي رهيا آهن مريم نواز مطالبو ڪري رهي آهي ته سندس ناٺي جي مشينري پارٽ مان آندي وڃي. جواب اچي رهيو آهي ته اهو سياسي مسئلو بڻجي ويندو ۽ تحريڪ انصاف تنقيد ڪندي. سندس موجب مريم نواز گهڙي گهڙي چوندي آهي ته تيل جا اگهه نه وڌايو پر آڊيو ۾ چئي رهي آهي ته ٻيو ڪو رستو ناهي. سڄو ملبو هوءَ مفتاح اسماعيل تي وجهندي آهي حقيقت ۾ مفتاح کي بي عزتو ڪري اسحاق ڊار کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

بقايا 12

زرداري جي نيائي ڪميشن ۾ لکيو ته اهي سڀ ڪجهه وڃائي چڪا آهن. انهن جا گهر، مال، معاشي ذريعا ايتري تائين جو انهن جا پيارا به وڃائجي چڪا آهن. سندس چوڻ هو ته اهي ٻار وڌيڪ نقصان جي بار کان آزاد ٿي عام ننڍپڻ گذارڻ جا حقدار آهن. اسان کي اهو يقيني بڻائڻ گهرجي ته کين اهو موقعو ڏنو وڃي. واضح رهي ته آصفه ڀٽو زرداري گذريل ڏينهن شهيد بينظير آباد جي ٻوڏ متاثرن علائقن جو دورو ڪيو هو. هوءَ سڪرنڊ ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ ٺاهيل ٽينٽ سٽي به وئي هئي. سندس چوڻ هو ته ٻوڏ سبب 3 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا آهن. خوراڪ ۽ دوائن جي سخت ضرورت آهي. امدادي ڪئمپن ۾ رهندڙ متاثرن مون کي پنهنجي پريشانين کان آگاهه ڪيو آهي. اميد ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي امداد لاءِ پنهنجيون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا 13

عمر قيد جي سزا ٿيندي. ايئن لڳي رهيو آهي ته شهباز شريف ٻاهرين ملڪ مان واپسيءَ لاءِ ٽڪيٽ به گهرندو. سندس چوڻ هو ته ن ليگ جي اصليت سڀني جي سامهون آهي. تنهن ڪري مان به موٽي عمران خان جو ساٿ ڏنو

بقايا 14

جا ڪيس رپورٽ ٿي رهيا آهن. سنڌ ۾ ڊينگي سبب ٽي سو پنجٽيهه ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. جنهن ۾ ٻه سو سترنجاهه جو تعلق ڪراچي سان آهي. ڪي پي ڪي ۾ به ڊينگي جا وار جاري آهن. ڊينگي سان هڪ ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويو جڏهن ته وڌيڪ ٻه سو اٺهٺ نوان ڪيس رپورٽ ٿيا. ڊينگي جو شڪار هڪ سو پنجهتر ماڻهن جو تعلق پشاور سان آهي. ٻئي پاسي پنجاب ۾ به ڊينگي سان وڌيڪ ٻه سو چوهٺ نوان ڪيس رپورٽ ٿيا آهن. پنجاب حڪومت ڊينگي جي مريضن جي سهولت لاءِ هيلٿ ڪارڊ تي ڊينگي جي علاج جو اعلان ڪيو آهي. صحت کاتي جي وزير ڊاڪٽر ياسمين راشد چيو آهي ته ڊينگي جي مريضن جي سهولت خاطر سڀني صوبن ۾ وڌيڪ اسپتالن کي هيلٿ ڪارڊ سسٽم ۾ شامل ڪيو پيو وڃي.

بقايا 15

خان کي اقتدار ڏيارڻ سندس چوڻ هو ته مريم نواز جو ناٺي مٿي ماڻي کان اڳ ئي وڏو بزنس مين آهي. جاچ سان خبر پوندي ته ڳالهه کي ٽوڙيو مروڙيو ويو. جاچ ضرور ٿيڻ گهرجي. اهو پاڪستان جي سلامتي جو معاملو آهي.

بقايا 16

اوپر سمنڊ کان سمنڊ ڏانهن هڪ بيلسٽڪ ميزائل هلايو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ڏکڻ ڪوريا جي فوج چيو ته اهو هڪ مختصر فاصلي تائين مار ڪندڙ بيلسٽڪ ميزائل هو. ان 60 ڪلو ميٽرن جي اوچائي تي تقريبن 600 ڪلو ميٽر (373 ميل) پري تائين اڏام ڪئي. ڏکڻ ڪوريا جي جوائنٽ چيفس آف اسٽاف هڪ بيان ۾ چيو ته اتر ڪوريا جو بيلسٽڪ ميزائل جو تجربو سنگين شرپسندي آهي. جنهن سان ڏکڻ ڪوريا ۽ عالمي برادري جي امن ۽ سلامتي کي خطرو آهي. واضح رهي ته اتر ڪوريا طرفان اهو تجربو جوهري صلاحيت رکندڙ آمريڪي جهاز بردار بحري ٻيڙي "يو ايس ايس رونالڊ ريگن" جي ڏکڻ ڪوريائي فوج سان 26 کان 29 سيپٽمبر تائين 4 ڏينهن جي مشقن ۾ حصو وٺڻ لاءِ آمد کانپوءِ ۽ هلندڙ هفتي ڪمالا هيرس جي ڏکڻ ڪوريا جي طئي ٿيل دوري کان اڳ ڪيو ويو آهي.

بقايا 17

جيائيون وڃائي ويٺا آهن. گولاڙچي ويجهو تيز بخار ۾ ٻن ٻارن دم ڏنو. شهدادڪوٽ جي اسپتال ۾ 40 ورهين جي وزيران چانڊيو مليريا سبب فوت. ڳڙهي حسن جي ڳوٺ رمضان جکراڻي ۾ نينگر خان جکراڻي مليريا وگهي دم ڏنو. لاڙڪاڻي ۾ قائم ٽينٽ سٽي ۾ ٻوڏ متاثر سعدالله چانڊيو فوت ٿي ويو. پاٽ سيد آباد جي ڳوٺ پنهور ۾ 2 ورهين جي انشان خشڪ گيسٽرو وگهي دم ڏنو جيڪب آباد جي ڳوٺ پورو ڪوسو ۾ نينگر غلام مصطفيٰ ابڙو مليريا وگهي فوت ٿي ويو. خانواهڻ ۾ 8 ورهين جي نينگري رخسانا گيسٽرو وگهي فوت ٿي وئي. بدائي واسخ 10 ورهين جي آمنا چچڙ گيسٽرو وگهي فوت. فريد آباد ويجهو 6 سالن جو زمان تيونڙو گيسٽرو وگهي فوت ٿي ويو.

بقايا 18

موجب آهي. عمران خان هائوسنگ سوسائٽي جي گرڊ اسٽيشن لڳائڻ جي باري ۾ 18 جولاءِ 2022 جو هاءِ ڪورٽ ملتان بينچ جو فيصلو پڙهي. هن چيو ته پرڏيهي فنڊنگ عيوض پاڪستان جي آزادي، خود مختياري ۽ معيشت جو سودو ڪندڙ رڙيون ڪري رهيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڪو غير قانوني ڪم نه ٿيڻ تي عمران خان ڪاوڙ ۾ چريو ٿي ويو آهي. سندس موجب عمران خان کي ڪاوڙ ان ڳالهه جي آهي ته آڊيو ۾ ڪا غير قانوني شئي برآمد نه ٿي سگهي. بشريٰ بي بي جي 5 قيراط هيري جو ذڪر ناهي. خيرات جو پئسو پنهنجي ذات ۽ سياست لاءِ استعمال ڪندڙ جو پڪڙجڻ تي پڪڪر ٿئي ٿو

بقايا 19

ويو آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته منهنجو ڪورونا ٽيسٽ هاڪاري آيو آهي پر مان پاڻ کي صحتمند ۽ ڪورونا جي نشانين کان محفوظ محسوس ڪري رهيو آهيان. ياد رهي ته ان کان اڳ آگسٽ ۾ به هن جو ڪورونا ٽيسٽ هاڪاري آيو هو جنهن کان پوءِ هن پنهنجي ڪمپني جي ٺاهيل ڪورونا 19 اينٽي وائرل دوائن جو ڪورس شروع ڪري ڏنو هو جڏهن ته هو پنهنجي ئي ڪمپني فائزر جي جرمن ڪمپني جي تعاون سان تيار ڪيل ڪورونا ويڪسين جا 4 ڊوز به لڳرائي چڪو آهي.

بقايا 20

هٿياربندن مسجد ۾ گهڙي اندڌاڌن فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ مسجد ۾ موجود پندرهن نمازي مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا. رپورٽ موجب شهرين جو چوڻ آهي ته واقعي وقت فوري طور تي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو هو پر پوليس ڪا به فوري ڪارروائي عمل ۾ نه آندي. شهرين چيو آهي ته انهن ڌاڙيلن کي اڪويهه هزار ڊالر، پيٽرول ۽ سگريٽ ڏنا هئا ته جيئن اهي شهر تي رحم ڪن تنهن هوندي به ڌاڙيلن مسجد تي حملو ڪري بي گناهه ماڻهن کي قتل ڪيو آهي ۽ پوليس ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي. واضح رهي ته گذريل ٻن سالن کان اتر اولهه نائيجيريا جي مختلف شهرن ۾ ڌاڙيلن جي راڄ دهشت ڦهلائي آهي ۽ ان دوران هزارين شهرين جي پئسي لاءِ اغوا سميت سوين ماڻهن کي قتل ڪيو ويو آهي.

بقايا 21

ڏنيون آهن. پهريون وياج ۽ هاڻ ٽرانس جينڊر بل جي معاملي تي اسان جو جهيڙو نظام سان آهي. جماعت اسلامي جي امير جو چوڻ هو ته ڊاڪٽر عافيه صديقي لاءِ نه بلاول نه شهباز شريف ۽ نه ئي عمران خان ڳالهايو آهي. هي سڀ آمريڪي غلام آهن. ڪالهه مسلم ليگ ن روئي رهي هئي اڄ پي ٽي آءِ پئي روئي ۽ سڀاڻي ٻي شهباز شريف جو وارو آهي. سراج الحق جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ٽرانس جينڊر بل ۾ تبديلي نه ڪئي وئي ته اسلام آباد تائين مارچ جو اعلان ڪيو ويندو.

بقايا 22

آڊيو ليڪ ۾ سامهون اچي ويو آهي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ شيخ رشيد چيو ته شريف خاندان پارٽ مان بنا ڪليئرنس پنهنجي شگر ملن لاءِ انجنيئر گهرائيندو آهي. هن چيو ته سياسي ويڙهه وڌي ٿي ته غريب جون حالتون وڌيڪ گنڀير ٿي وينديون، سياستدان عام ماڻهو جو مسئلو نه پيو سمجهي. رڳو ميڊيا ميڊيا کيڏي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته حالتن جي گهرجن کي ڏسي ن ليگ به چونڊ مهم لاءِ نڪري رهي آهي. سيپٽمبر ستمگر آهي، آڪٽوبر ۾ اهم فيصلا ٿي ويندا شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته معاشي حالتون ايترين گنڀير آهن جو ڪو سڏ نه ڏئي ته ماڻهو روڊن تي نڪري ايندا. انا ۽ ضد کي ڇڏي صاف شفاف چونڊن جو فيصلو ڪيو وڃي.

بقايا 23

جو نشانو بڻائيندي چيو آهي ته تائيوان جي فوجي امداد جي ڳالهه ڪري واشنگٽن حقيقت ۾ تائيوان معاملي تي باهه سان کيڏي رهيو آهي. گذريل هفتي هڪ انٽرويو ۾ تائيوان جي فوجي مدد جي امڪان تي پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ آمريڪي صدر جو بائيڊن چيو هو ته ڪنهن به غير معمولي حملي ۾ آمريڪي فوج لازمي طور تي تائيوان جي حفاظت ڪندي.

بقايا 24

۽ گندا لفظ به ڳالهايا. مريم اورنگزيب ماربل آرچ تي هڪ ڪافي شاپ ۾ ڪافي وٺڻ لاءِ رڪي ته ان دوران پي ٽي آءِ ڪارڪن اچي ويا ۽ ساڻس غيرمناسب رويو اختيار ڪيو. پي ٽي آءِ جي عورتن ڪافي شاپ ۾ مريم اورنگزيب تي چور چور جا الزام به هنيا. ان دوران مرد ڪارڪن به موجود هئا. عورتن الزام هنيا ته مريم اورنگزيب پاڪستاني عوام جا پئسا لنڊن ۾ اڏائي رهي آهي. احتجاج ڪندڙ مريم اورنگزيب سان گڏوگڏ هلندا رهيا. پر مريم اورنگزيب کين ڪو جواب نه ڏنو ۽ چپ چاپ مسڪرائيندي رهي.

بقايا 25

لاڳاپيل واري شعبي آءِ ايس پي آر موجب ان موقعي تي آرمي چيف ۽ شيخ احمد سلطان بن سليم وچ ۾ پاڪستان ۾ تباهي واري ٻوڏ جي صورتحال، امدادي ڪمن ۽ بحالي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. آءِ ايس پي آر موجب شيخ احمد سلطان سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو ڪيو ۽ آرمي رليف فنڊ ۾ 25 لک آمريڪي ڊالرن جو عطيو پڻ ڏنو.

بقايا 26

آهن جيڪو به نئون آرمي چيف ايندو کيس وطن لاءِ مرڻو پيو ته هو مرندو جڏهن ته ايڪسٽينشن جا اختيار وزيراعظم وٽ آهن. اڳوڻي ناڻي واري وزير بابت هن ٻڌايو ته مهانگائي کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي. اميد آهي ته اسحاق ڊار ڏکيائين کي قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو. کيس معيشت جي حوالي سان گهڻي ڄاڻ آهي. عام چونڊن واري سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سندس راءِ آهي ته اليڪشن سال ٻه هزار چوويهه ۾ ٿيڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته هن وقت ٽي ڪروڙن کان وڌيڪ ماڻهو متاثر آهن. پارليامينٽ کي ايڪسٽينشن جي ضرورت آهي.

بقايا 27

آڊيو ليڪ ڪانڊ، قومي سلامتي واري معاملي تي وزيراعظم هائوس ۾ اجلاس ٿي سگهي ٿو. اها حڪومت ۽ وزيراعظم پاليسي سازي لاءِ ان ڪيمرا ملاقات سان مطمئن ٿي سگهن ٿا. اها وزيراعظم هائوس ۾ ڳجهي رڪارڊنگ سسٽم موجود آهي جنهن جي حڪومتي ميمبرن کي به خبر ناهي؟ حڪومت ان حوالي سان ڇا ڪندي، اڃا ڪا پاليسي ناهي. وزيراعظم هائوس جي اجلاس جي آڊيو ليڪ ۾ مسلم ليگ ن جا ميمبر ۽ وفاقي وزير ڳالهائڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن. وزيراعظم شهباز شريف کي مريم نواز جي ناٺيءَ لاءِ سهولت جي درخواست ڪرڻ واري آڊيو ليڪ ٿي وئي آهي ليڪ ٿيل آڊيو ۾ اتحادي سرڪاري عملدار مبينا طور شهباز شريف کي ٻڌائي ٿو ته مريم نواز پنهنجي ناٺي لاءِ پارٽ مان پاور پلانٽ گهرائڻ جو چئي رهي آهي شهباز شريف جواب ۾ چوي ٿو ته هو اسان جو ناٺي آهي. اوهان انهن جا اشوز ٻڌائي ڇڏيو پارٽ مان اڌ پلانٽ اچي چڪو آهي. مان مڃان ٿو ته اشو گهڻي ۾ پيچيدو ويندو. اوهان انهن سان ڳالهايو مان ترڪي مان واپس اچي انهن کي گهرائي سمجهائيندس. ٻيو شخص چوي ٿو ته اهو ڪم اسحاق ڊار کان ڪرايو. شهباز شريف چوي ٿو ته ٺيڪ آ. اٿين ئي ڪري ولو.

بقايا 28

عارف علوي جي تجويز آئين ۽ قانون کان سڌي ريت ڦرڻ آهي. هن چيو ته اتفاق جي هڪ ئي صورت آهي ته مقرري آئين ۽ طئي ٿيل طريقيڪار موجب هجي. آئين ۽ طئي ٿيل طريقيڪار خلاف هر ان تجويز کي رد ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، ٻڌڻ به پسند نه پيا ڪريون. حافظ حمدالله صدر عارف سان مخاطب ٿيندي چيو ته سپريم ڪورٽ سوري رولنگ ۽ قاضي عيسيٰ فيصلن ۾ توهان کي آئين ٽوڙيندڙ ۽ بدديانت چيو آهي. هڪ سرٽيفائيڊ آئين ٽوڙيندڙ ۽ بدديانت صدر اهم مقرري تي تجويز نٿو ڏئي سگهي. سندس چوڻ هو ته تجويز سان لڳي پيو ته موصوف رياست جا نه عمراني سياست جا وفادار آهن. عمران جي سياست سان وفاداري صدر علوي جي مجبوري آهي ته صدارت ڇڏي وڃي. توهان جي تجويز هڪ اهم مقرري کي تڪراري بڻائڻ جي ناپاڪ ڪوشش آهي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن صدر عارف علوي هڪ بيان ۾ چيو هو ته آرمي چيف جي مقرري هڪ اهم معاملو آهي ۽ ان تي سڀ جو اتفاق ٿيڻ گهرجي.

CLASSIFIED

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته اسين تالي هر هڪ مسمات ساجد زال امتياز علي سمون ۽ پٽ آفتاب علي، اسرار علي سمون امتياز علي سمون ۽ شيراز علي سمون کان لاتعلقي جو اظهار ڪيون ٿا جڏهن ته امتياز علي سمون ۽ شيراز علي سمون بري صحبت ۾ اچي ويا آهن جن سان اسان جو ڪو به تعلق نه آهي جيڪو به انهن ڏيتي ليتي ڪندو ته ان جا هو پاڻ ذميوار رهندا اسان جو هي بيان سرڪاري رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي... المشتهر ساجد زال امتياز علي سمون. آفتاب علي سمون اسرا علي سمون. ويڙهل نظر محلا لاڙڪاڻو.

باقيا */آس/* **01**

کي هڪ سنڌ هڪ پاليسي تحت آفر آرڊر نه ڏيڻ خلاف ضلع سجاول جي اميدوارن سلطان ڪوسو، نرمل نظير ڪنبي، معشوق بگهيو، احسان بجهورو، شوڪت خالد حبيب الله راڄڙ سهيل ميمڻ، مقبول ميمڻ، اياز علي ڪوريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پبلڪ پارڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن احتجاج ڪندي چيو ته پوري سنڌ هارڊ ايريا ۽ تبديل ٿي ويئي آهي. اسان سان ٻٽي پاليسي ڪري آئي بي اي 2021 جا بي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون ڪنندڙ حقيقي اميدوارن سان وڏي ناانصافي ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته اسان کي هڪ سنڌ ۾ ٻٽي پاليسي هرگز قبول ناهي. هن حڪومت سنڌ، تعليم کاتي جي وزير کي گهر ڪئي ته آءِ بي اي 2021 جي اي ايس ٽي ۽ بي ايس ٽي 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون ڪنندڙ ضلع سجاول ضلع سميت پوري سنڌ جي اميدوارن کي آفر آرڊر ڏيئي پريشاني کان بچائي سائين انصاف ڪيو وڃي. ٻئي صورت ۾ حق ملڻ تائين سندن پرامن احتجاج جاري رهندو.

باقيا */آس/* **02**

ڊاڪٽرن ٻارڙن اسڪول جي ٻارڙن ۽ هن جي والدين ۽ ڳوٺاڻن جي لاءِ مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳرائي وئي جنهن ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرائين ۽ سائين اعجاز چانڊيو سميت استادن پڻ حصو ورتو هن ڪيمپ ۾ مختلف بيمارين جي چڪاس ڪئي وئي جنهن ۾ مليريا ٽائفائيڊ چمڙي چاتي ۽ معصوم ٻارڙن جي بيمارين جو چڪاس ڪيو ويو ۽ ڊي ايچ او لاڙڪاڻو طرفان مفت دوائون ڏنيون ويون هن موقعي تي سائين اعجاز چانڊيو ۽ ڊاڪٽرن شاگردن جي والدين کي مخاطب ٿي چيو ته هن ٻوڏ سبب مختلف بيمارين ڪر ڪثير آهي هن ڪري آءِ بي اي سڪر ٻارڙن ڪيمپ لڳرائي وئي هن ڪيمپ ۾ سوين جي تعداد ۾ اسڪولي ٻارڙن والدين ۽ علائقي واسين کي مفت دوائون ڏنيون ويو. هن موقعي تي ڊاڪٽرن چيو ته پنهنجي ۽ پنهنجي معصوم ٻارڙن جي صحت جو ۽ وڌ خيال رکيو وڃي انشاءُ هر مهيني اهڙيون ميڊيڪل ڪيمپون لڳرائي شاگردن سان گڏوگڏ هنن جي والدين جو مفت علاج ڪيو ويندو

باقيا */آس/* **03**

موجب اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ چاهن سمون ۾ مولانا محمد اقبال سمون جي نگراني ۾ هڪ عظيم الشان عرس مبارڪ جي محفل منعقد ڪئي وئي جنهن محفل جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو ۽ مدرسي جي شاگردن نعتون پڙهي داد حاصل ڪيو خصوصي خطاب اعلاءِ مولانا حافظ احمد رضا سڪندي صاحب فرمايو جلسي کي خطاب ڪندي مولانا صاحب چيو ته الله پاڪ ۽ ان جي رسول الله جي فرمانبرداري ڪريو پنج وقت فرض نماز ادا ڪريو حقوق الله ۽ حقوق العباد جو خيال رکو ۽ امام رباني جي سيرت تي پڻ بيان فرمايو جنهن ۾ مدرسه دارالعلوم مجددي تعليم القرآن جي طالب علم حافظ رجب سمون شمشير علي سمون محمد ابراهيم سمون ۽ عبدالحفيظ سمون جن نعت پڙهي خوب داد حاصل ڪيو جڏهن ته صدارتي ڪلمات شهزاده امام رباني صاحبزاده حضرت پير سائين غلام رسول عرف بابجي جان فاروقي مجددي سرهندي مشباري وارن فرمايا ۽ دعا خير پڻ گهري ان موقعي تي مولانا سلطان احمد خليلي ۽ ڳوٺائن ٻين عقيدت مندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

باقيا */آس/* **04**

وئي جنهن ۾ آفيسرن معززين راڄ جي ماڻهن ۽ شهرين سميت سيد برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي شهر جي اباڻي قبرستان باقر شاه ۾ مٽي ماڻ حوالي ڪيو ويو

باقيا */آس/* **05**

ناهي ٿي ۽ نه ٿي وري ڪو ڊرينج سسٽم درست ڪيو ويو آهي جنهن ڪري گٽرن جو پاڻي اسان جي گهرن ۾ ڪاهي پيو آهي هنن چيو ته گٽرن ۾ پاڻي جمع ٿيڻ جي ڪري مڇرن اسان سان آزار ڪري ڇڏيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا ٽي ايم او آفيس ۾ شڪايت ڪرڻ جي باوجود ڪوبه تدارڪ نه ٿيو هنن وڌيڪ چيو ته بار بار چوڻ جي باوجود جمعدار وحيد صفائي ڪرڻ کان ڪنو جواب ڏئي ڇڏيو هنن ڪمشنر سکر ۽ اعلا اختياريارين کي اپيل ڪئي آهي ته اسان جي محلي ۾ صفائي ۽ ڊرينج سسٽم درست ڪرائي شهرين مان بي چيني ختم ڪئي وڃي.

باقيا */آس/* **06**

آهن هزارين روپيه رشوت ڏيڻ کان پوءِ به اسان جو ۽ ٻاٻهڙ شهر جا سڙيل 8 ٽرانسفارمر تبديل نه ڪري سگهيا بجلي نه هجڻ سبب چٽ جهڙي گرمي ۾ اسان معصوم ٻار عورتون ٽوڙي مرد مليريا ٽائفائيڊ چمڙي ۽ گيسٽرو ۾ مبتلا ٿي ويا آهن پر سيپڪو وارن کي رحم نٿو اچي هنن لاڳاپيل آفيسرن کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي آهي ٻئي صورت ۾ ڪورٽ سگهوري جو در کڙڪايو ويندو

باقيا */آس/* **07**

نشي ڏانهن وهايو وڃي رهيو آهي اطلاعن موجب حسين آباد ۽ ٽنڊويوسف ٿاڻي جي حدن ۾ قائم پرهياڙ ڳوٺ ۽ هزاره ڪالوني ۾ آئيس جو ڪاروبار صنعت جو درجو اختيار ڪري لڳو آهي موت جا سوداگر سري عام موت جو سامان آئيس ۽ هيروئن وڪرو ڪري لڳا آهن جڏهن ته انتظاميا هن وقت تائين ڪو به قدم نه کڻي سگهي آهي ٻئي طرف زريعن جو چوڻ آهي ته ٽنڊويوسف ۽ حسين آباد ٿاڻن جي حدن اندر هلندڙ آئيس ۽ هيروئن جا اڏا وڏي عرصي کان هلن پيا جتان پوليس کي باقائده هفتو ملي ٿو جنهن ڪري اتان جا ايس ايچ اوز ايس ايس پي جي سخت حڪمن کي به نظرانداز ڪندا رهن ٿا جڏهن ته مها منشيات فروش پوليس جي آکين ۾ سرمون پائي لين دين ڪري ته ڪجه منشيات فروش لڪ چپ ۾ موالين کي گهر ويٺي آئيس سپلاءِ ڪري رهيا آهن هڪ اندازي موجب ٻين علائقن جيان هتي به ننڍي عمر جا اهي چوڪرا جيڪي پنهنجي ماڻٽن کان لڪي چپي داپرائيندا هئا اهي هاڻي وڏا موالي بڻجي چڪا آهن ڳوٺ جي رهواسين رضوان پرهياڙ ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته آئيس جي وڪري جي خلاف فورن ڪاروائي نه ٿي ته سمورو حسين آباد ان ويڙهه ۾ اچي نوجوان نسل کي تباه ڪري ڇڏيندو هنن چيو ته نوجوان نشي جا عادي بڻجي پنهنجي زندگي تباه ڪري رهيا آهن ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسانجو هي تاريخي ڳوٺ سماجي برائين جو ڳڙه بڻجي ويندو ۽ ڪيترين ئي انساني جانين اسان کان جدا ٿي وينديون عوام آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سيد پير محمد شاه ايس ايس پي امجد حسين شيخ ايس ايچ او حسين آباد طارق مغل کي هن ڏس ۾ بنا دير منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي اپيل ڪندي اها ٻه گذارش ڪئي آهي ته گڏوگڏ هيستائين جيڪي ماڻهون هن نشي ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن انهن جو سرڪاري سطح تي علاج ڪرائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن ته جيئن هنن جون زندگيون بچي سگهن

باقيا */آس/* **08**

جي چيئرمين ڏٿي بخش ٻهڻ پاران يوسي جي مختلف ڳوٺن راڄهن چانڊيو ۽ ماڪو ڏيٻر ٻهڇي غريب ٻوڏ ۽ برسات متاثرن ۾ راشن ورهايو ۽ انهن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ان موقعي تي يوسي چيئرمين ڏٿي بخش ٻهڻ چيو ته غريبن مسڪينن ٻوڏ ۽ برسات متاثرين جي خدمت ۽ مدد جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ ڳوٺن راڄهن چانڊيو ۽ ماڪو ڏيٻر ۾ متاثرين ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو آهي هن چيو ته ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ٻهڻ جي هدايتن تي يوسي جي تمام متاثر ڳوٺن علائقن ۾ ٻهڇي متاثرين جي هر طرح جي مدد خدمت ڪري رهيا آهيون ۽ خدمت جو اهو سلسلو جاري رهندو

باقيا */آس/* **09**

موجب گذريل رات ايس ايڇ او ٻيلو ميرپور سب انسپيڪٽر محمد صديق شر جو پنهنجي اسٽاف سان ٽالو ٻيلو جي حدود ڌاري واري پلاٽ وٽ ڌوهه جي ارادي سان بيٺل 5 ڌهارين سان مقابلو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌهاري پنهنجي سائي جي گولي لڳڻ سان مري ويو جڏهن ته 4 ڌهاري فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا پوليس مقابلي ۾ پنهنجي سائي جي گولي لڳڻ سان مري ويل ڌهاري کي پوسٽ مارٽم لاءِ مير پور ماٿيلو اسپتال موڪليو ويو مري ويل ڌهاري جي اڃا تائين سڃاڻپ خانپور مهر جي رهواسي نثار عرف چريو مهر ولد مولا بخش مهر ٿي آهي. مري ويل ڌهاري جي قبضي مان هڪ پسٽل ۽ گوليون برآمد ٿيون آهن پوليس مقابلي ۾ فرار ڌهاريدارن جي گرفتاري لاءِ مختلف جاين تي سخت ناڪه بندي، جاري آهي. وڌيڪ نفري طلب ڪئي آهي. جڏهن ته پوليس مقابلي جو ڪيس ٽالو ٻيلو ميرپور تي گناه نمبر 37/2022 قلم 324.353.398.401 ت پ جي تحت داخل ڪيو ويو آهي مري ويل ڌهاري جي متعلق معلومات ۽ وڌيڪ ڪرمنل ريڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي.

باقيا */آس/* **10**

هٿ ۾ کڻي احتجاج ڪندي چتاءُ ڏنو آهي ته جيڪڏهن سنڌن علائقي ۾ اڄ شام تائين بجلي بحال نه ٿي ته هو پاڻ سائيندو پورهيت پاران سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيل وڊيو ۾ چاڻايو آهي ته هو هر مهيني بجلي جو بل ادا ڪن ٿا پر تنهن باوجود سندن علائقي ۾ گذريل 25 ڏينهن کان بجلي ناهي. بجلي بند هئڻ سبب سندن علائقي ۾ پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ ٿي ويو آهي جڏهن ته گرمي ۾ ٻار، عورتون ٽوڙي پيرسن بي حال آهن. رهواسين جو چوڻ آهي ته ٽرانسفارمر 25 ڏينهن اڳ سڙي خراب ٿيو، مقدار ٽرانسفارمر جي مرمت لاءِ ڪانئن ميٽا طور 50 هزار رپيا رشوت پيا طلب ڪن ۽ انڪار تي بجلي بحال ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن

باقيا */آس/* **11**

سيڪريٽري غلام علي ملاح جيئن ئي دڪاندار ديوان سنجي ڪمار کان اُتي جو ريٽ پڇيو ۽ بل ڏيکارڻ لاءِ چيو ته دڪاندار صحافي مٿان مهرجي پيو ۽ موبائيل فون کسڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي واضح رهي ته ڪيترن ئي ماڻهن جي روبرو دڪاندار صحافي کي ڌمڪيون ڏيندو رهيو ته شايد اسان جي طاقت جو ڪوئي اندازو ناهي اسان جي مٿي تائين پهچ آهي ڪجه به ڪيو ليڪن اسان گهٽ رقم ۾ اٽو نه هلايو آ نه هلائيندا سين ٻي طرف آچر ڏينهن جي موڪل جي ڪري اي سي صالح پٽ سان رابطو ممڪن ٿي نه سگهيو

باقيا */آس/* **12**

نه برسات کي بيهندي هڪ مهينو ٿي ويو آهي پر شهر جي مک رستن تان اڃا تائين برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب ڪيترن ئي پريشانين کي منهن ڏيڻو پئي رهيو آهي انتظاميه کي ٻه ڪيترائي ڀيرا چيو آهي پر تدارڪ نٿو ٿئي ضلع انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندا صرف ڏسي رهيا آهن هنن چيو ته شهر مان برسات جو پاڻي نيڪال ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو

باقيا */آس/* **13**

تي هنن چيوت ديوٽي تي غفلت ڪندڙ استادن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي ڪافي بي ايس ٽي نوان استاد مقرر ٿي چڪا آهن جنهن سبب ڪوهستان جي تعليم ۾ بهتري نظر ايندي هنن وڌيڪ چيو ته جي ايس ٽي استادن کي آفر آرڊر ڏنا ويا آهن جن کي پڻ جلد پوسٽنگ آرڊر ڏئي اسڪولن تي مقرر ڪيو ويندو

باقيا */آس/* **14**

ڊاڪٽرن جي ٽيم کان پري ٻيل علائقن ۾ فلاحي ادارن جي تعاون سان فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي ماڻهن کي گهربل سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ پڻ مصروف آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن پنوعاقل جي يونين ڪائونسل 9 نارو ۾ جفر جي وارڊ نمبر ٻهرين ۾ موجود ڳوٺ امين مهر ۾ علائقي جي متاثر بيمار ماڻهن لاءِ هڪ ڏينهن جي فري ميڊيڪل ڪيمپ صحافي محمود مهر جي نگراني هيٺ لڳائي وئي جنهن ۾ سي ايچ يو سينٽر سلطانپور جي انچارج ڊاڪٽر عبدالوحد سماٽر پاران مريضن جي تپاس پڻ ڪئي وئي ۽ کين مفت دوائون پڻ ڏنيون ويون. ان بهترين ڪاروان عمل ۾ جي ڊي وزير ملاڻو جي انچارج ڊاڪٽر ابراهيم ملاڻو ۽ احسان ملاڻو به سهڪار پڻ ڪيو ان وقت آيل مريضن جو چوڻ هو ته سلطانپور جا صحافي جس لهڻ جن هن ڏکي وقت ۾ اسان بي پهچ ماڻهن جي سار پڻ لڌي آهي سياسي ڪامورن مان ڪا به اميد نه آهي ۽ نه ئي هو ڏکي وقت ۾ اسان سان هو سهڪار پڻ ڪن ٿا ڪيمپ تي موجود صحافي دوستن قربان مهر ميان علي گوهر انڍڙ سميت سياسي سماجي شخصيتن حاجي عبدالواحد انڍڙ، راحب مهر ۽ ٻين پهچي معائنو ڪيو ۽ ان عمل کي پڻ ساراهيو

باقيا */آس/* **15**

ڪلهوڙو، سرفراز سومرو، تنوير مگسي، اعتزاز گاڏيهڄو، زبير سرگاڻي، حسيب جوکيو، وحيد حاسلي، ظفر جعفري، ساجد ميمڻ، فهد لانگاه ۽ ٻين چيو ته ٻوڏ جي تباهه ڪارين جي ڪري غريب شاگرد انتهائي پريشاني جو شڪار آهن جنهن سبب شاگرد تعليمي ادارن جون سالياڻو فيون ڀري نه ٿا سگهن تنهن ڪري فيون معاف ڪري غريب شاگردن کي تعليم جو حق ڏنو وڃي. هنن چيو ته ٽئين اَنٽري ٽيسٽ جي فيس معاف ڪرڻ سان گڏوگڏ غريب شاگردن کي اسڪالرشپون پڻ ڏنيون وڃن ۽ جن شاگردن جا سرٽيفڪيٽ مارڪ شيٽون ٻڏي ويون آهن انهن کي ڊپليڪيٽ سرٽيفڪيٽ مفت ۾ جاري ڪيا وڃن

باقيا */آس/* **16**

بحران پيدا ٿي ويو آهي. جنهن ڪري رهواسين سخت پريشان آهن. پر انتظاميه ڪوبه تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار ناهي. ان سلسلي ۾ ترڪش ڪالوني مڪلي جي ڪيترن ئي رهواسين حاجي غلام محمد شورو ۽ ٻين ڏانهيندي چيو آهي ڏهوڙ متاثرين لاءِ قائم ٿيل ترڪش ڪالوني مڪلي 22 سئو کان مٿي گهرن تي مشتمل هجڻ باوجود ان جي ڪافي ڏينهن کان بجلي بند هجڻ ڪري پيئڻ جي پاڻي جو سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي. ڪالوني ۾ هن وقت وڏي تعداد ۾ مختلف علائقن جا ٻوڏ ستايل ماڻهون ۾ رهائش پذير آهن، پرهتان جي عوام جي تڪليفن جو ڪنهن کي به احساس ناهي. هنن گهر ڪئي ته فورن ترڪش ڪالوني مڪلي جي بند ٿيل بجلي ۽ پيئڻ جي پاڻي جي رسد بحال ڪرائي ڪالوني جي چوديواري ڏيارڻ سان گڏ سموريون بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن. جيئن هو وڌيڪ پريشانين کان بچي سگهن.

باقيا */آس/* **17**

نه ضلعي نٽي جا صحافي پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ادا ڪري مظلوم ماڻهن جي آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائين ٿا، اسانجو سائن مڪمل ساٿ رهندو. پريس ڪلب مڪلي جا سمورا مسئلا حل ڪرايا ويندا. هن اهي ڳالهيون نٽي ويجهو نانگڻ پنهور هائوس تي پريس ڪلب مڪلي جي وفد سان ملاقات دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪنديٰ ڪيو پ پ پ ٺٽي ضلعي جي سينيئر نائب صدر عبدالحميد پنهور وڌيڪ چيو ته پ پ پ عوامي پارٽي آهي. جيڪا جمهوريت تي ويساه رکي ٿي. هن چيو ته تازو پيل برسات ٽوڙي سنڌو درياءُ ۾ آيل وڏي چاڙه عوام کي ڪافي دربدر ڪري ڇڏيو آهي. پر سنڌ حڪومت ٽوڙي ضلعي انتظاميه متاثرين جي دل کولي مدد ڪرڻ سميت پ پ پ ايم پي اي گهوڙاباري حاجي علي حسن زرداري، پ پ پ نوجوان قيادت جي اڳواڻ عاشق حسين زرداري ۽ عوام کي اڪيلو ناهي ڇڏيو. جيڪي رات ڏينهن عوام سان گڏ رهي انهن جون مشڪلاتون ختم ڪيون آهن عبدالحميد پنهور چيو ته سندن مڪمل سهڪار صحافين سان رهندو. جتي ٻه صحافين کي سندن ضرورت پئي هو حاضر هوندا. هن چيو ته گهوڙاباري تڪ ۾ پ پ پ ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري حد کان وڌيڪ ترقياتي ڪمن جوجار وڇايو آهي. جيڪو هڪ مثال آهي. هن وقت ٻه ڪافي ترقياتي ڪم جاري آهي. ضلعي ٺٽي سميت گهوڙاباري کي عوام جو پئرس بڻائڻ وارو خواب ضرور پورو ڪنداسين. ان موقعي تي پريس ڪلب مڪلي جو صدر احمد خان خشڪ، جنرل سيڪريٽري علي اڪبر ڌلواڻي، جوائنٽ سيڪريٽري ايم ايچ ڪنڀار، خزانچي محمد ايوب ملاح، قادر جاڪرو، حاجي غلام محمد شورو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

باقيا */آس/* **18**

سيڪشن پوليس ۽ بڪيرا شريف پوليس جوابدارن ، پاٽاريدارن ۽ سهولتڪار خلاف ڪوبه ڪيس داخل نه ڪري سگهي۔ سياسي ڌرين جي مداخلت سبب معاملو ڪي حيدرآباد جي ٻڌائي ۽ ڪوٽڙي پوليس جي گلي ۾ وجهي ٽنڊوالهيار ۽ بڪيرا پوليس هٿ آجا ڪري ڇڏيا 23 سيپٽمبر 2022 تي ٽنڊوالهيار مان ڪوٽڙي سائيٽ ايريا ۾ وڪري لاءِ 600 جانورن جي ڪتا پهتا جتي ڪوٽڙي پوليس ڪاروائي ڪندي ٻن ٽرڪن جي ڊرائيورن شاهد ۽ محمد بوٽا ولد امان الله جت ۽ هڪ جوابدار خالد پٺاڻي رهندڙ گهوٽڪي کي گرفتار ڪري ورتو هو۔ جن اعتراف ڪيو ته هي جانور ٻوڏ متاثرن جا آهن جيڪي ٽنڊوالهيار مان فاروق پٺاڻي جي گودام تان لوڊ ڪري هتي وڪرو ڪرڻ لاءِ کڻي آيا آهيون جڏهن ته سرزمين تان مک جوابدار فاروق پٺاڻي، ممتاز ڪلهوڙو ۽ عبيد ڪلهوڙو فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا۔ ڪوٽڙي پوليس ڪرائم نمبر 245/2022 قلم 420,406,34 پي پي سي تحت جوابدارن فاروق پٺاڻي ولد محمد اسماعيل پٺاڻي رهندڙ ڳوٺ موسي خان پٺاڻي ٽنڊوالهيار ، خالد پٺاڻي گهوٽڪي، ممتاز ڪلهوڙ ، عبيد ڪلهوڙو ۽ ٻنهي ڊرائيورن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو۔ چنچر 24 سيپٽمبر تي ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن پوليس ٻاءِ پاس روڊ تي ڪيرو اسٽاپ وٽ مخفي اطلاع ملندي ٿي گودام تي ڇاپو هنيو جتي 400 کان وڌيڪ ڪتا جانورن جا مليا۔ جتي ڪوٽڙي موڪليل جانورن جا خالي ڪيل ڪمپني جا ڪتا ۽ پريل ڪتا پڻ هٿ ڪيا ويا. انهن ڪتن تي GTC لکيل هو۔ پوليس جي مسلسل ڪاروائي هلندي ۽ سوشل ميڊيا تي باه وانگر خبر پکڙجڻ بعد ڪوٽڙي ۽ ٻڌائي پوليس پڻ رابطو ڪري پهچي وئي۔ جتي ٻڌائي پوليس ظاهر ڪيو 18 ۽ 19 سيپٽمبر جي وچ واري رات پنجاب جي شهر جلالپور ٻليان مان 1500 جانورن جي ڪتن جو 22 ويلر ڪنٽينر نمبر TMC_492 حيدرآباد طرف وڃي رهيو هو جيڪو مٽياري حيدرآباد جي حد اندر ڦر ٿيو هو۔ هي اهي جانور آهن جن جي FIR ٻڌائي ٿاڻي تي ڪرائم نمبر 20/2022 قلم 395,397,342 پي پي سي تحت نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ٿيل آهي۔ جنهن بعد سياسي مداخلت تي بي سيڪشن پوليس جانور ٻڌائي پوليس حوالي ڪري ڇڏيا۔ ٻيهر گذريل رات دير سان ٽنڊو الهيار ، بڪيرا شريف ، ٻڌائي ۽ مٽياري پوليس ٽنڊوالهيار ضلعي جي تعلقي چمبڙ جي UC داد خان جروار تي JUI جي وائيس چيئرمين جي اميدوار اورنگزيب مهراڻي جي ڳوٺ اسماعيل مهراڻي ۾ GDA جي سرگرم اڳواڻ نظام الدين مهراڻي جي گهر ۾ ڇاپو هڻي ڪاروائي ڪندي 200 جانورن جا ڪتا هٿ ڪيا۔ جتي پوليس موجب ته اهي جانور جوابدار فاروق پٺاڻي جا آهن اهو ٻڌائي ۽ ڪوٽڙي پوليس کي جانورن جو ڪنٽينر ڦر ڪرڻ ۽ جانور وڪڻڻ جي ڪيس ۾ گهربل آهي۔ گذريل رات واري ڪاروائي مان به بڪيرا شريف پوليس هٿ ٻوڻي ڪري ڇڏيا آهن۔ ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي حد مان ڦر جا جانور گودام مان ملڻ ۽ بڪيرا شريف ٿاڻي جي حد مان گهر مان ڦر وارا جانور ملڻ باوجود ٻنهي ٿاڻن جي پوليس جوابدارن ، پاٽاريدارن ۽ سهولتڪارن خلاف ڪوبه ڪيس داخل نه ڪري سگهي آهي۔ خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ٽنڊوالهيار جي اهم سياسي ڌر جوابدارن پاٽاريدارن ۽ سهولتڪارن کي بچائڻ لاءِ سرگرم بڻيل آهي تنهن ڪري انهن خلاف ٽنڊوالهيار ضلعي جي ڪنهن به ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ نٿو ڏنو وڃي.

باقيا */آس/* **19**

طرفان وارثن کي لاش ڳوٺ کڻائي وڃڻ لاءِ ايمبولينس به نه ڏني وئي جنهن ڪري قوتي پيرسن جو لاش اڃان تائين ٽينٽ سٽي ۾ پيل آهي. ان حوالي سان قوتي پيرسن جي وارثن ٻڌايو ته مهينو اڳ ٻوڏ سبب اسان لڏپلاڻ ڪري ٽينٽ سٽي ۾ رهائش اختيار ڪئي جتي گذريل پنجن ڏينهن کان اسان کي سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي. هنن ٻڌايو ته پيرسن سعدالله چانڊيو ٿڌڻ جي بيماري ۾ مبتلا هو جيڪو مسلسل علاج ۽ کاڌو نه ملڻ جي ڪري اڄ تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو آهي پر انتظاميه لاش ڳوٺ کڻائي وڃڻ لاءِ ايمبولينس به ناهي ڏني. هنن مطالبو ڪيو ته راشن ۽ ٽينٽ ڏيڻ سان گڏ لاش کڻائڻ لاءِ ايمبولينس ڏني وڃي. هوڏانهن واقعي جا ويڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ تي ضلعي انتظاميه نوٽيس وٺندي متاثرن کي ايمبولينس فراهم ڪئي جنهن کان پوءِ وارثن طرفان قوتي پيرسن جو لاش کڻائي ڳوٺ روانا ٿي ويا جتي لاش گهر پهچڻ تي گهر ڀاتين ۾ روج راڙو پئجي ويو

باقيا */آس/* **20**

ڪري ڇڏيو ڪا به دوا شفا نه ڏئي سگهي، علاج جا پيسا نه هئڻ ڪري سخت پريشاني ۾ مبتلا، سرندي وارن کي مدد جي اپيل. تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو جي لال شاه محلا جو رهواسي محمد علي بوزدار بلڊ ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا آهي جنهن پنهنجي گهر جو الهه تلهه وڪرو ڪري پنهنجي علاج لاءِ خرچ ڪري وسان ڪين گهٽايو ڪا به دوا شفا نه ڏئي سگهي آهي. جڏهن ته هن مهل علاج جا پيسا نه هئڻ ڪري سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي. هن وس ميڊيا اڳيان روئيندي ٻڌايو ته منهنجي بچڻ جو سون ڪان سواءِ ڪو به سهارو ناهي. هن مهل منهنجا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن. ۽ اسان ڪاٽڻ پيئڻ لاءِ ڪجه به ناهي. مان ڪاڏي وڃان ڪنهن در ڏانهن ڏهان. هن وزيراعلي سنڌ، ڪمشنر سکر، ڊي سي گهوٽڪي سميت چونڊيل نمائندن ۽ ٻين سرندي وارن کي اپيل ڪئي آهي ته منهنجو سرڪاري خرچ تي اعلاج ڪرايو وڃي، ته جيئن منهنجي زندگي بچي سگهي، ۽ مان پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پالي سگهان.

باقيا ⁎⁎⁎ **21**

اسڪول ٽيچر ۽ جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچر جي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اميدوارن شبير مهيسر، سروپ ڪمار، اجي ڪمار، ولي محمد وسطڙو ۽ ٻين چيو ته گذريل سال اسان سخت محنت ڪري تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر ۽ جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچر جي ڀرتين لاءِ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪئي هئي پر تعليم کاتي طرفان هارڊ ايريا ۽ سافٽ ايريا سميت مختلف تعليم دشمن پاليسيون جوڙي اسان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته تعليم کاتي طرفان هارڊ ايريا جي اميدوارن لاءِ پاس ٿيڻ جو ريشو 33 مارڪون ۽ ٻين ايرياز جي لاءِ 40 سيڪڙو رکيون ان سان ڪيترائي اميدوارن کي آفر آرڊر ڪونه ملي سگهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته سڄي سنڌ ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر ۽ جونيئر ايليمينٽري اسڪول ٽيچر جي ڀرتين لاءِ پاس جو ريشو 33 سيڪڙو رکي پاس اميدوارن کي آفر آرڊر ڏئي چانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

باقيا */آس/* **22**

مظاهرو ڪندي چيو ته اسان کي مڪمل طور نظر انداز ڪيو پيو وڃي اسان جي ماڻهن جا برسات ۾ گهر ڪري پيا جيڪي کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن امدادي راشن پوٺارن جي وائن کي ملي ٿو جيڪي اسان کي ڏيڻ بدران پنهنجن چمچن کي ڏين ٿا اسان کي راشن جو هڪ داڻو به نه مليو آهي هنن چيو ته ڪريٽ ڊي سي اي سي کي درخواستون ڏنيون پر انهن اسان لاءِ ڪجه به نه ڪيو هن چيو ته اسان جو ڳوٺ احمد گبول آخري چيڙي تي آهي اسان هن جديد دور ۾ به پٿر جي دور واري زندگي گذاريون ٿا اسان وٽ موٽر سائيڪل جو رستو به نه آهي اسان جي ڳوٺ جو اسڪول بند آهي صحت جون سهولتون نه هجڻ سبب اسان جا مريض ٽالوبولاخان اسپتال پهچڻ کان پهرين زندگي جي جنگ هارائي وڃن ڪيترن ئي گورهارين عورتون ۽ ٻارڙا وقت سر علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿي ويا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته اسان لاءِ حڪومت طرفان ايندڙ سڀ فنڊ هڙپ ڪيا پيا وڃن اسان تمام گهڻو پريشان آهيون برسات ڪاٿيو؟ اسان جي ڳوٺ ۾ بيماريون پکڙجي ويون آهن پر صحت کاتو خاموش آهي زندگي جي هر بنيادي سهولت کان محروم آهيون جانورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي خدارا اسان تي رحم ڪيو وڃي مظاهرو ڪندڙن وزيراعلي سنڌ پين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جا مسئلا حل ڪري برسات دوران ٿيل نقصان جو ازالو ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

باقيا */آس/* **23**

سان گڏجي پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ ڏاهينڊي چيو آهي ته سميران جي مڙس نصير ۽ حميران جي مڙس نثار سولنگي برسات متاثرين جي لاءِ آيل بينظير انڪم سپورٽ تحت 25,25 هزار روپين جي رقم ڪسي کين اولاد سميت گهران ڪڍي ڇڏيو آهي. جيڪي 8 ٻاروني پنهنجي رشاٿرو پوليس عملدار پي،قاسم سولنگي جي گهر ۾ رهيل آهن جتي سندن پي،وٽ اَيترا پيسا ناهن جو هو کين ۽ سندن اولاد کي کارائي هنن روئيندي چيو ته مڙس روزانو ظلم ڪندا آهن سندن ظلم برداشت ڪري اولاد جي ڪري گهر ۾ رهنديون هيوسين پر هنن اسان کان آيل پيسا ڦري اسان کي گهران اولاد سميت ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون اسان جي مڙسن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف سميران ۽ حميران جي پي،قاسم سولنگي ٻڌايو ته اصل ۾ سندس نياڻين جو گهر ڦٽائڻ ۾ سندس ڀاءُ غلام مصطفي ۽ نصير ۽ نثار جي پي،هاشم جو هٿ آهي جيڪي ماڻهن کي سون بيٺو ڪري ڏيڻ ڏ گروه جا سربراهه آهن جن خلاف سنڌ جي مختلف ضلعن جي ٿاڻن تي ايف آءِ آرون داخل ٿيل آهن ۽ هو انهن ڪيسن ۾ روپوش جوابدار آهن جن مان ڪيس ۽ سندس نياڻين جي زندگين کي خطرو آهي. ڪيس انهن ڌهاري ۽ ٺڳ قسم جي ماڻهن کان تحفظ ولي ڏنو وڃي.

باقيا */آس/* **24**

ڪيو محترم وقاص طارق باجاري يونين ڪائونسل باجارا جي ڳوٺن ڳوٺ پير ٻبر شير ڳوٺ خميسوخان بگهيو ڳوٺ غلام رسول لاکو ڳوٺ ملو بگهيو سميت آس پاس جي علائقن جو دورو ڪري حاليه ٻوڏ سبب يونين ڪائونسل باجارا جي عوام جي ٿيل نقصانن بابت حال احوال ورتو ٻوڏ متاثرن کي وڏي وزير سيد مراد علي شاه طرفان هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي ٻوڏ متاثرن سان مخاطب ٿيندي چيو ته هر وقت وڏي وزير سيد مراد علي شاه ۽ باجاري خاندان پنهنجي تڪ جي عوام سان ڪلهي ۾ ملائي بيٺا آهن اوهان سان هر ممڪن سهڪار ڪئي ويندي بعد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ وقاص طارق باجاري ظفر حسن باجاري فاطمه ٻيشن طرفان يونين ڪائونسل باجارا جهانگار جي ٻوڏ متاثرن لاءِ لڳايل ميڊيڪل ڪئمپ جو دورو ڪيو مريضن سان ملندڙ سهولتن بابت ڳالهيون ڪيون مريضن کان سهولتن بابت پڇيو ميڊيڪل اسٽوروز دوائن ٿيندڙ ٽيسٽن او پي ڊي جو جائزو ورتو وڌيڪ وقاص طارق باجاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وڏي وزير سيد مراد علي شاه جي خصوصي هدايتن تي يونين ڪائونسل باجارا ۾ ٻوڏ متاثرن لاءِ ميڊيڪل ڪئمپ ڪئي وئي آهي هتي بلڪل مفت بهتر کان بهتر سهولتون ڏنيو پيو وڃي. مفت معياري دوائون ٽيسٽون ڪيون پيون وڃن صبح کان سوين مريضن جو چيڪپ ڪيو ويو آهي انهن جون ٽيسٽون ڪيون ويون آهن مريضن کي سٺيون دوائون فري آف ڪاسٽ مهيا ڪيون پيون وڃن

باقيا */آس/* **25**

علائقن ۾ پهچي ڪري برسات متاثر علائقن جو دورو ڪيو برسات متاثرين سان همدردي جو اظهار ڪيو . جڏهن ته هڪ مهيني کان وڌيڪ وقت گذري وڃڻ باوجود ڪيترن ئي گهرن ۾ برسات جو پاڻي گهرن اندر بيٺل هو، جنهن ڪري متاثرن جي زندگي هڪ عذاب جيان گذري پئي . ڳوٺاڻن مڇرن جي آزار بابت پڻ دانهون ڪيون . محمد صالح انڍڙ برسات متاثرن ۾ مڇرن کان محفوظ رهڻ لاءِ مڇرداڻيون پڻ تقسيم ڪيون ۽ راشن پڻ مهيا ڪيو مولانا محمد صالح انڍڙ چيو ته . گهر گهر وڃي انسانيت جي خدمت ڪرڻ هڪ عبادت سمجهان ٿو ان چيو ته جمعيت علماءِ اسلام انسانيت جي خدمت تي يقين رکي ٿي الله جي مخلوق جي خدمت ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهون ٿا

باقيا */آس/* **26**

وٺي ميمبر ضلع ڪائونسل سکر حافظ رفيق احمدسومرو ڪيمپ تي پهچي وزٽ ڪئي پرياسي جي ڳوٺن جي سوين مريضن جو مفت چڪاس ٽيسٽون؛ دوايون فري ڏنيون ويون خبرموجب پنوعاقل ويلفيئر فورم ۽ دعا ميڊيڪل سينٽر پاران ڳڱل شريف ۾ هڪ ڏينهن جي فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ميمبر ضلع ڪائونسل سکر حافظ رفيق احمدسومرو پروفيسر سڪندر مهيسر نور الله مهيسر ڪيمپ تي پهچي وزٽ ۽ نگراني ڪئي پرياسي جي ڳوٺن جي سوين مريضن جو مفت چڪاس ٽيسٽون؛ دوايون فري ڏنيون ويون جنهن ۾ سکر جي نالي وارن ڊاڪٽرن پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون جن ۾ ڊاڪٽرعبدالغفار سانگي ڊاڪٽرشاه جهان ڪلهوڙو ڊاڪٽرماروي نور مهيسر ڊاڪٽرزوهيب سميجو سميت جميل سومرو انعام سومرو ٻين والنٽيئري پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ مختلف بيمارين ۾ وڪوڙيل پنجن مريضن جو آپريشن پڻ مفت ڪيو ويندو آخر ۾ آيل مريضن ۾ ٽنگرڻ تقسيم ڪيو ويو

باقيا */آس/* **27**

ڇڏيو منهنجي پٽ کي بيمار هجڻ باوجود جمس اسپتال انتظاميه موڪل نه ڏئي زبردستي ڊيوٽي ورتي ويندي هئي منهنجي پٽ کي هٿ سان ماريو ويو آهي انصاف لاءِ ڪورٽ جو در کڙڪائيندس/ فوتي نوجوان جو والد خبر موجب ڪجه ڏينهن اڳ جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس (جمس) اسپتال ۾ اسٽاف نرس طور ڪم ڪندڙ شاهد سومرو جو موت ڳجهو راز بڻجي ويو آهي ويڊيو بيان جاري ڪندي فوتي نوجوان جي والد استاد مير محمد سومرو سنڌس پٽ ٽوڙي چاچي پنهنجو ويڊيو بيان جاري ڪندي چيو آهي ته جمس ۾ ڪم ڪندڙ شاهد سومرو کي هٿ وٺي ماريو ويو آهي جنهن ۾ جمس اسپتال جو عملو شامل آهي هنن جو چوڻ آهي ته شاهد کي بگهارون نه ڏنيون وينديون هيون جڏهن ٻب هو پريشان رهندو هو جڏهن ته هو بيمار ٿي پيو پر ان جي باوجود هن کي آرام ڏيڻ جي بجاءِ زبردستي ڊيوٽي ورتي ويندي هئي هنن جو چوڻ هو ته شاهد جي طبيعت تمام خراب ٿي وئي پر ان جي باوجود اسان وارثن کي اطلاع نه ڏنو ويو هن جي طبيعت زياد خراب ٿي ڏهن کي بيس اسپتال منتقل ڪرڻ لاءِ پڻ خراب ايمبولينس ڏني وئي هئي جيڪا اسپتال پهچڻ کان اڳ خراب ٿي پئي هنن جو چوڻ هو ته شاهد کي هٿ سان ماريو ويو آهي انصاف لاءِ ڪورٽ جو در کڙڪائيندا سين

باقيا */آس/* **28**

صدر سرور سنڌي، نائب صدر حسين سومرو جنرل سيڪريٽري منير عالماڻي جوائنٽ سيڪريٽري سلام سومرو خزانچي صلاح الدين ابڙو، ميڊيا سيڪريٽري، ستار عمراڻي آفيس سيڪريٽري، لطيف پٿي ليگل ايڊوائيزر، نثار چنڙ ثقافتي سيڪريٽري چونڊيو ويو ان موقعي تي لال جروار خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ هن وقت ٻوڏ سبب قيامت جا منظر آهن ۽ متاثر ماڻهو بي يارو مددگار روڊن رستن تي ويٺل آهن سرڪاري ماڻهن جي زمينن مان پاڻي نيڪال ٿيڻ سبب سنڌ ۾ خوراڪ جو بحران انتهائي سنگين ٿيندو پيو وڃي.

باقيا */آس/* **29**

سومرو شامل هئا احتجاج ڪندڙ فنڪارن شبير عمراڻي، ظهور ٻين پيو سومرو ۽ ٻين چيو ته برسات سبب بيروزگار ٿيا آهيون ۽ گهرن کي نقصان پهتو پر ثقافت کاتو ٽوڙي انتظاميه واهر نه ٿي ڪري. جڏهن ته عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار چيو ته سڄي سنڌ کي هٿ وٺي ٻوڙيو ويو جنهن ڪري فنڪارن سان گڏ سنڌ جا ليڪن ماڻهو دربدر آهن پر سرڪار ڪنهن به متاثر جي سار لهڻ لاءِ تيار ناهي. هن چيو ته فوري طور پاڻي نيڪال ڪري متاثرن جي سهائتا ڪئي وڃي.

باقيا */آس/* **30**

جي پوک جي مند شروع ٿيڻ سان ئي پوک نه ٿي سگهڻ جو چٽو امڪان. ڪڻڪ جي ساليانو اپت 45 لک ميٽرڪ ٽن مان 30 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ گهٽ لهڻ سان صوبي ۾ ايندڙ سال شديد ڏڪار واري صوورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو. سنڌ سرڪار کان جنگي بنيادن تي ڪڻڪ پوک لاءِ زمينن مان پاڻي نيڪال ڪرائڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ ايوان زراعت سنڌ جي ٿيل اجلاس بعد ايوان زراعت سنڌ جي مرڪزي صدر سيد ميران محمد شاه ۽ جنرل سيڪريٽري زاهد ڀرڳڙي ايوان زراعت سنڌ جي هيڊڪوارٽر حيدرآباد مان جاري ڪيل پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ جي راشي آبپاشي کاتي ۽ ڊرينيج جي عملدارن جي نااهلي ۽ لاپرواهي جي نتيجي ۾ ايل بي او ڊي، ايم اين اين ورين، ڊي پي او ڊي، جيڪاڻي سم نالي سميت ٻين انيڪ سم نالن کي ڪپارا پوڻ جي ڪري سنڌ جي 70 سيڪڙو زمين اڃا تائين برساتي پاڻي ۾ ٻڏل آهي. ڪشمور کان ٺٽي تائين اڌ سنڌ ۾ ٻيڙيون هلي رهيون آهن هنن چيو ته روهڙي ڪئنال ۽ نارا ڪئنال ۾ برساتي پاڻي جو ڇوڙ فوري بند ڪري، ڪئنالن کي مختلف جاين تي لڳل ڪٽ فوري بند ڪري بحالي جو ڪم شروع ڪيو وڃي جڏهن ته ڏکڻ سنڌ ۾ ڪڻڪ جي مند 15 آڪٽوبر کان شروع ٿيندي. هڪ مهيني جو وقت بچيو آهي. ان وقت ۾ پاڻي نيڪال ٿيندي نظر نه اچڻ سان ڪڻڪ جي پوک متاثر ٿيڻ جو خطرو امڪان پيدا ٿي ويو آهي. جنهن تي ايوان زراعت سنڌ کي سخت ڳڻتي آهي. هنن چيو ته سنڌ ساليانو 45 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جي اپت ڏيندي آهي. جيڪا هن سال زمينون خالي نه ٿيڻ سبب وڏي مشڪل سان 15 لک ميٽرڪ ٽن پيداوار ملڻ جو امڪان آهي. 30 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ گهٽ لهڻ جي نتيجي ۾ سنڌ اندر شديد فوڊ سيڪيورٽي جو بحران پيدا ٿيڻ ۽ اٽو 2 سئو رپيا ڪلو ٿيڻ سان ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو آهي. هنن ايل بي او ڊي جي صورتحال تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته ايل بي او ڊي ۾ پاڻي صورتحال اڃا تائين ساڳي آهي، سنڌ جا 5 ضلعا نوابشاه کان بدين تائين شديد متاثر ٿي رهيا آهن. ڪارڻ اهو آهي ته گذريل 10 سالن ۾ سنڌ حڪومت طرفان ايل بي او ڊي جي ڪم ڪار لاءِ جاري ٿيل اربين رپيا خرچ ٿيڻ بدران هڙپ ٿيڻ آهي. ايوان زراعت سنڌ هڪ ڀيرو ٻيهر مطالبو ورجائيندي چيو ته ايف آءِ اي، آءِ ايس آءِ، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين جاچ ڪندڙ ادارن کان آبپاشي ۽ ڊرينيج کاتي جي راشي ڪامورن جي سمورن ڪمن جي آڊٽ ڪرائي ملوث راشي عملدارن کي گرفتار ڪري سخت سزائون ڏنيون وڃن. ڪي اين شاه، جهڏو ۽ ٽنڊو جان محمد شهر ٻڏڻ جي اعلي سطحي جاچ ڪرائي بدانتظامي کي وائکو ڪيو وڃي. متاثر آبادگارن ۾ ڪڻڪ جو ٻج ۽ ڀاڻ مفت ورهايو وڃي. آبادگارن جا قرض معاف ڪري ٿيل نقصان انشورنس ڪمپنين کان ڀرايا وڃن ۽ انهن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ بنا وياج جي هڪ سال لاءِ حڪومت قرض جاري ڪري ته جيئن زراعت جي شعبي سان لاڳاپيل 70 سيڪڙو ماڻهو زندگي جو ڪاروهنوار بحال ڪري سگهن. هنن وفاقي ۽ سنڌ حڪومت جو اين ڊي ايم اي سميت موسميات کاتي جي ادارن طرفان موسمياتي تبديلين بابت ايندڙ بيانن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چيو ته انهن ادارن مطابق هي گلوبل وارمنگ آهي. ايندڙ 10 سالن تائين اهي برساتون پونديون. ان لاءِ حڪومت کي اپيل ڪجي ٿي ته مستقبل ۾ تباهڪارين کان بچڻ لاءِ هاڻ کان ئي جوڳا اپاءُ ورتا وڃن. سم نالا درين ايل بي او ڊي سميت سمورن پاڻي نيڪال ڪندڙ گذر گاهن جي صفائي ڪرائي پاڻي گنجائش وڌائي وڃي ۽ ٻورو پراڻ تان قبضا ختم ڪرائي پاڻي جا پراڻا لنگهه بحال ڪيا وڃن

باقيا */آس/* **31**

فقير علي محمد، نواز، راجا خان سوريجو، ديدار منگنيجو حب علي تاريجو سيد الطاف شاه ۽ ٻيا ڪري رهيا. جن اخبار وارن کي ٻڌايو ته اسان جي محلي ۾ درگاه جي اندر ئي ڪان چار فٽ پاڻي بيٺو آهي ڪيترائي ڀيرا ميونسپل انتظاميا ۽ پبلڪ هيلٿ انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن ته اسان جي محلي ۽ درگاه جي اندر پاڻي بيٺو پر انتظاميا ٻڌي اڻ ٻڌي ٿي ڪري. هنن چيو ته برساتي پاڻي بيهڻ سبب ڪيترائي شهري مليريا جهڙي موذي مرض ۾ وڪوڙجي ويا آهن. درگاه جا پانديئڙا به نٿا اچي سگهن. جڏهن ته ڪيترائي شهري پنهنجا ميت موڙائي پئي قبرستان ۾ دفن ڪن ٿا. هنن مطالبو ڪيو ته ڊي سي اَيم اين اي، ايم پي اي ۽ ڊي سي خيرپور کان پاڻي نيڪال ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ٻي صورت ۾ پبلڪ هيلٿ کاتي ۽ ميونسپل آفيس اڳيان بک هڙتال ڪنداسين. جنهن جي ذميوار پبلڪ هيلٿ ۽ ميونسپل انتظاميا هوندي.

باقيا */آس/* **32**

آهي. ادب انسان کي جيئڻ جا طريقا سيکاري ٿو ۽ ادب ئي انسان کي جانور مان انسان بڻائي ٿو چاهت بتول ارڙهين صدي، کان اڳ جي وارثا بيان ڪندي چيو ته سماج ۾ مذهبي ڪرپشن عام هئي ان ئي ڪرپشن ۽ سماجي بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ ادب سرجيو ويو ۽ اڳتي هلي ارڙهين صدي عيسوي، ۾ جڏهن ساڳي قسم جي ڪرپشن اچان به اسري ۽ ماڻهن خاص طور تي عورتن جا حق غصب ڪيا ويا ته هڪ رائيٽر ناول "پاميلا" لکيو جنهن کان پوءِ پارن جي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ به ناول لکيو ويو جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو هن چيو ته محبت ڪرڻ سان احساس پيدا ٿين ٿا ۽ محبت ڪرڻ سان ئي تخليق سرجي ٿي. ورهاڱي کان ڪان اڳ ۽ پوءِ به بهترين ادب سرجيو ويو جنهن ۾ پڻ سماجي برائين جي نشاندهي ۽ انهن جو حل ڏنو ويو هن چيو ته اهو ادب ئي آهي جيڪو سماج کي جيئڻ جا طريقا سيکاري ٿو سنڌ يونيورسٽي لاڙڪاڻ ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر سيد اظهر شاه چيو ته عالمي ادب جو سنڌي ادب تي ۽ سنڌي ادب جو عالمي ادب تي اثر آهي پر اسين جيستائين پنهنجي ادب ۾ مسئلن جي نشاندهي ڪري حل نه ڏينداسين تيستائين اسان جو ادب عالمي ادب سان ڪلهو نه هڻي سگهندو هن چيو ته اسان جو بنيادي سماجي ادارو ڪٽنب آهي ان کان پوءِ اسڪول، حڪومتي ادارا، سياسي، مذهبي ۽ ميڊيا جا ادارا آهن جن جو اسان گهڻو اثر وٺون ٿا. هن چيو ته سنڌو ماٿري، جي تهذيب هڪ بهترين سماج اڏيو جنهن ۾ اسان کي بنيادي حق به مليا ۽ شاندار نظم ۽ نسق به نصيب ٿيو جنهن کان دنيا متاثر ٿي ان جي پيروي ڪئي پر سمورن وسيلن هوندي به بدانتظامي جي ڪري اسين تمام گهڻو پوئتي آهيون. پروگرام ۾ نوجوان ليکڪ ۽ ڏاهي عيسيٰ ميمڻ ليڪچر ڏيندڙ جو تعارف بيان ڪيو ۽ ميزبان استاد گل دايو آجيانو پيش ڪيو ان کان علاوه شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر خاور قمبراڻي پنهنجي سريلي آواز ۾ گيت پيش ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ۽ نوجوان تشڪيل ميربحر پروگرام جي ڪاروائي هلائي. پروگرام ۾ خليق ميمڻ، فقير منظور مهيسر، وسيم سيٺائي، صديق سومرو، نويد ناز پٿي، علي حسنين، رضا برڙو، منصور ميمڻ، ڪامل امداد جتوئي، حمز علي سوهو، مسڪين عيسيٰ چانڊيو، زاهد علي جوڻيجو حسين علي ڪنير، دانش ترڪ، حسين ڪنير، سرفراز گاڏيهڄو، لياقت پنهور، صدرالدين پٿي، انور ميراڻي، استاد خالد چانڊيو، جاويد پنهان سميت نوجوان شاگردن ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

باقيا */آس/* **33**

ٻاران متاثر خاندان سان رابطي پنوعاقل ۾ راشن ،ٽينٽ ۽ ڪيش رقم ڏني وئي، خبر موجب صالح پٽ واسڻ عورت مايوس ٿي مجبوري ۾ برقعو پائي سوشل ميڊيا تي مدد لاءِ اپيل ڪئي جيڪا وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ قائدعوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي چيئرمين عبدالله آچراڻي پاران متاثر خاندان سان رابطو ڪيو جن کي پنوعاقل ۾ راشن ٽينٽ ۽ ڪيش رقم پنهنجي هٿن سان ڏني،ان سلسلي ۾ عبدالله آچراڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي خدا ڪارڻ انسانيت جي خدمت ڪري رهيا آهيون عورت جي وڊيو وائرل ٿي ته افسوس ٿيو جنهن جي مدد ڪئي وئي آهي ان کان پهريان به رشيديري جي معصوم نيسنگر به دردمندانا اپيل ڪئي هئي جنهن جي پڻ مدد ڪئي سون

باقيا */آس/* **34**

ڪئي پر هڪ سازش تحت ان وقت جي تعليم کاتي جي صوبائي وزير پير مظهرالحق، ڊي او رسول بخش شاه، ڪلاڪ گلشن بگٽي، نواب ڪوکر، گلبهار مگسي ۽ سياستدانن جي ملي ڀڳت ڪري اسان جا ٽالا ويٽنگ لسٽ ۾ ڏئي 5 پيرا اميدوارن جي فهرست ۾ تبديلي ڪري رشوت ۽ سياسي سفارش عيوض جعلي ڊگرين، فيل اميدوارن ۽ گهٽ مارڪون ڪنندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر جاري ڪري اسان جي حقن تي ڌاڙو هنيو اسان اهڙا ثبوت مختلف وقتن تي سنڌ جي وزيرن، مشيرن سميت پيپلز پارٽي جي اڳواڻن کي پيش ڪندا رهيا آهيون پر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به نوٽيس ناهي ورتو ۽ نه ئي ڪير اسان جي ڏانهن ٻڌڻ وارو آهي. هنن چيو ته هن وقت برسات جي ڪري بيروزگاري جي ڪري اسين سخت پريشان آهيون اسان جي سنڌ جي وڏي وزير، تعليم کاتي جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم کي اپيل آهي ته پرائمري اسڪول ٽيچر جا آفر آرڊر ڏئي روزگار فراهم ڪيو وڃي.

باقيا */آس/* **35**

سيڪشن پوليس ۽ بڪيرا شريف پوليس جوابدارن ، پاٽاريدارن ۽ سهولتڪار خلاف ڪوبه ڪيس داخل نه ڪري سگهي۔ سياسي ڌرين جي مداخلت سبب معاملو ڪي حيدرآباد جي ٻڌائي ۽ ڪوٽڙي پوليس جي گلي ۾ وجهي ٽنڊوالهيار ۽ بڪيرا پوليس هٿ آجا ڪري ڇڏيا 23 سيپٽمبر 2022 تي ٽنڊوالهيار مان ڪوٽڙي سائيٽ ايريا ۾ وڪري لاءِ 600 جانورن جي ڪتا پهتا جتي ڪوٽڙي پوليس ڪاروائي ڪندي ٻن ٽرڪن جي ڊرائيورن شاهد ۽ محمد بوٽا ولد امان الله جت ۽ هڪ جوابدار خالد پٺاڻي رهندڙ گهوٽڪي کي گرفتار ڪري ورتو هو۔ جن اعتراف ڪيو ته هي جانور ٻوڏ متاثرن جا آهن جيڪي ٽنڊوالهيار مان فاروق پٺاڻي جي گودام تان لوڊ ڪري هتي وڪرو ڪرڻ لاءِ کڻي آيا آهيون جڏهن ته سرزمين تان مک جوابدار فاروق پٺاڻي، ممتاز ڪلهوڙو ۽ عبيد ڪلهوڙو فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا۔ ڪوٽڙي پوليس ڪرائم نمبر 245/2022 قلم 420,406,34 پي پي سي تحت جوابدارن فاروق پٺاڻي ولد محمد اسماعيل پٺاڻي رهندڙ ڳوٺ موسي خان پٺاڻي ٽنڊوالهيار ، خالد پٺاڻي گهوٽڪي، ممتاز ڪلهوڙ ، عبيد ڪلهوڙو ۽ ٻنهي ڊرائيورن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو۔ چنچر 24 سيپٽمبر تي ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن پوليس ٻاءِ پاس روڊ تي ڪيرو اسٽاپ وٽ مخفي اطلاع ملندي ٿي گودام تي ڇاپو هنيو جتي 400 کان وڌيڪ ڪتا جانورن جا مليا۔ جتي ڪوٽڙي موڪليل جانورن جا خالي ڪيل ڪمپني جا ڪتا ۽ پريل ڪتا پڻ هٿ ڪيا ويا. انهن ڪتن تي GTC لکيل هو۔ پوليس جي مسلسل ڪاروائي هلندي ۽ سوشل ميڊيا تي باه وانگر خبر پکڙجڻ بعد ڪوٽڙي ۽ ٻڌائي پوليس پڻ رابطو ڪري پهچي وئي۔ جتي ٻڌائي پوليس ظاهر ڪيو 18 ۽ 19 سيپٽمبر جي وچ واري رات پنجاب جي شهر جلالپور ٻليان مان 1500 جانورن جي ڪتن جو 22 ويلر ڪنٽينر نمبر TMC_492 حيدرآباد طرف وڃي رهيو هو جيڪو مٽياري حيدرآباد جي حد اندر ڦر ٿيو هو۔ هي اهي جانور آهن جن جي FIR ٻڌائي ٿاڻي تي ڪرائم نمبر 20/2022 قلم 395,397,342 پي پي سي تحت نامعلوم جوابدارن خلاف داخل ٿيل آهي۔ جنهن بعد سياسي مداخلت تي بي سيڪشن پوليس جانور ٻڌائي پوليس حوالي ڪري ڇڏيا۔ ٻيهر گذريل رات دير سان ٽنڊو الهيار ، بڪيرا شريف ، ٻڌائي ۽ مٽياري پوليس ٽنڊوالهيار ضلعي جي تعلقي چمبڙ جي UC داد خان جروار تي JUI جي وائيس چيئرمين جي اميدوار اورنگزيب مهراڻي جي ڳوٺ اسماعيل مهراڻي ۾ GDA جي سرگرم اڳواڻ نظام الدين مهراڻي جي گهر ۾ ڇاپو هڻي ڪاروائي ڪندي 200 جانورن جا ڪتا هٿ ڪيا۔ جتي پوليس موجب ته اهي جانور جوابدار فاروق پٺاڻي جا آهن اهو ٻڌائي ۽ ڪوٽڙي پوليس کي جانورن جو ڪنٽينر ڦر ڪرڻ ۽ جانور وڪڻڻ جي ڪيس ۾ گهربل آهي۔ گذريل رات واري ڪاروائي مان به بڪيرا شريف پوليس هٿ ٻوڻي ڪري ڇڏيا آهن۔ ٽنڊوالهيار جي بي سيڪشن پوليس ٿاڻي جي حد مان ڦر جا جانور گودام مان ملڻ ۽ بڪيرا شريف ٿاڻي جي حد مان گهر مان ڦر وارا جانور ملڻ باوجود ٻنهي ٿاڻن جي پوليس جوابدارن ، پاٽاريدارن ۽ سهولتڪارن خلاف ڪوبه ڪيس داخل نه ڪري سگهي آهي۔ خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ته ٽنڊوالهيار جي اهم سياسي ڌر جوابدارن پاٽاريدارن ۽ سهولتڪارن کي بچائڻ لاءِ سرگرم بڻيل آهي تنهن ڪري انهن خلاف ٽنڊوالهيار ضلعي جي ڪنهن به ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيڻ نٿو ڏنو وڃي.

باقيا */آس/* **36**

سان گڏجي پريس ڪلب نوشهروفيروز اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ ڏاهينڊي چيو آهي ته سميران جي مڙس نصير ۽ حميران جي مڙس نثار سولنگي برسات متاثرين جي لاءِ آيل بينظير انڪم سپورٽ تحت 25,25 هزار روپين جي رقم ڪسي کين اولاد سميت گهران ڪڍي ڇڏيو آهي. جيڪي 8 ٻاروني پنهنجي رشاٿرو پوليس عملدار پي،قاسم سولنگي جي گهر ۾ رهيل آهن جتي سندن پي،وٽ اَيترا پيسا ناهن جو هو کين ۽ سندن اولاد کي کارائي هنن روئيندي چيو ته مڙس روزانو ظلم ڪندا آهن سندن ظلم برداشت ڪري اولاد جي ڪري گهر ۾ رهنديون هيوسين پر هنن اسان کان آيل پيسا ڦري اسان کي گهران اولاد سميت ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن ڪري اسان سخت پريشان آهيون اسان جي مڙسن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف سميران ۽ حميران جي پي،قاسم سولنگي ٻڌايو ته اصل ۾ سندس نياڻين جو گهر ڦٽائڻ ۾ سندس ڀاءُ غلام مصطفي ۽ نصير ۽ نثار جي پي،هاشم جو هٿ آهي جيڪي ماڻهن کي سون بيٺو ڪري ڏيڻ ڏ گروه جا سربراهه آهن جن خلاف سنڌ جي مختلف ضلعن جي ٿاڻن تي ايف آءِ آرون داخل ٿيل آهن ۽ هو انهن ڪيسن ۾ روپوش جوابدار آهن جن مان ڪيس ۽ سندس نياڻين جي زندگين کي خطرو آهي. ڪيس انهن ڌهاري ۽ ٺڳ قسم جي ماڻهن کان تحفظ ولي ڏنو وڃي.

باقيا */آس/* **37**

نشي ڏانهن وهايو وڃي رهيو آهي اطلاعن موجب حسين آباد ۽ ٽنڊويوسف ٿاڻي جي حدن ۾ قائم پرهياڙ ڳوٺ ۽ هزاره ڪالوني ۾ آئيس جو ڪاروبار صنعت جو درجو اختيار ڪري لڳو آهي موت جا سوداگر سري عام موت جو سامان آئيس ۽ هيروئن وڪرو ڪري لڳا آهن جڏهن ته انتظاميا هن وقت تائين ڪو به قدم نه کڻي سگهي آهي ٻئي طرف زريعن جو چوڻ آهي ته ٽنڊويوسف ۽ حسين آباد ٿاڻن جي حدن اندر هلندڙ آئيس ۽ هيروئن جا اڏا وڏي عرصي کان هلن پيا جتان پوليس کي باقائده هفتو ملي ٿو جنهن ڪري اتان جا ايس ايچ اوز ايس ايس پي جي سخت حڪمن کي به نظرانداز ڪندا رهن ٿا جڏهن ته مها منشيات فروش پوليس جي آکين ۾ سرمون پائي لين دين ڪري ته ڪجه منشيات فروش لڪ چپ ۾ موالين کي گهر ويٺي آئيس سپلاءِ ڪري رهيا آهن هڪ اندازي موجب ٻين علائقن جيان هتي به ننڍي عمر جا اهي چوڪرا جيڪي پنهنجي ماڻٽن کان لڪي چپي داپرائيندا هئا اهي هاڻي وڏا موالي بڻجي چڪا آهن ڳوٺ جي رهواسين رضوان پرهياڙ ۽ ٻين ميڊيا کي ٻڌايو ته آئيس جي وڪري جي خلاف فورن ڪاروائي نه ٿي ته سمورو حسين آباد ان ويڙهه ۾ اچي نوجوان نسل کي تباه ڪري ڇڏيندو هنن چيو ته نوجوان نشي جا عادي بڻجي پنهنجي زندگي تباه ڪري رهيا آهن ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو اسانجو هي تاريخي ڳوٺ سماجي برائين جو ڳڙه بڻجي ويندو ۽ ڪيترين ئي انساني جانين اسان کان جدا ٿي وينديون عوام آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سيد پير محمد شاه ايس ايس پي امجد حسين شيخ ايس ايچ او حسين آباد طارق مغل کي هن ڏس ۾ بنا دير منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي اپيل ڪندي اها ٻه گذارش ڪئي آهي ته گڏوگڏ هيستائين جيڪي ماڻهون هن نشي ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن انهن جو سرڪاري سطح تي علاج ڪرائڻ لاءِ جوڳا قدم کنيا وڃن ته جيئن هنن جون زندگيون بچي سگهن

باقيا */آس/* **38**

نه ضلعي نٽي جا صحافي پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ادا ڪري مظلوم ماڻهن جي آواز کي اعلي ايوانن تائين پهچائين ٿا، اسانجو سائن مڪمل ساٿ رهندو. پريس ڪلب مڪلي جا سمورا مسئلا حل ڪرايا ويندا. هن اهي ڳالهيون نٽي ويجهو نانگڻ پنهور هائوس تي پريس ڪلب مڪلي جي وفد سان ملاقات دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪنديٰ ڪيو پ پ پ ٺٽي ضلعي جي سينيئر نائب صدر عبدالحميد پنهور وڌيڪ چيو ته پ پ پ عوامي پارٽي آهي. جيڪا جمهوريت تي ويساه رکي ٿي. هن چيو ته تازو پيل برسات ٽوڙي سنڌو درياءُ ۾ آيل وڏي چاڙه عوام کي ڪافي دربدر ڪري ڇڏيو آهي. پر سنڌ حڪومت ٽوڙي ضلعي انتظاميه متاثرين جي دل کولي مدد ڪرڻ سميت پ پ پ ايم پي اي گهوڙاباري حاجي علي حسن زرداري، پ پ پ نوجوان قيادت جي اڳواڻ عاشق حسين زرداري ۽ عوام کي اڪيلو ناهي ڇڏيو. جيڪي رات ڏينهن عوام سان گڏ رهي انهن جون مشڪلاتون ختم ڪيون آهن عبدالحميد پنهور چيو ته سندن مڪمل سهڪار صحافين سان رهندو. جتي ٻه صحافين کي سندن ضرورت پئي هو حاضر هوندا. هن چيو ته گهوڙاباري تڪ ۾ پ پ پ ايم پي اي حاجي علي حسن زرداري حد کان وڌيڪ ترقياتي ڪمن جوجار وڇايو آهي. جيڪو هڪ مثال آهي. هن وقت ٻه ڪافي ترقياتي ڪم جاري آهي. ضلعي ٺٽي سميت گهوڙاباري کي عوام جو پئرس بڻائڻ وارو خواب ضرور پورو ڪنداسين. ان موقعي تي پريس ڪلب مڪلي جو صدر احمد خان خشڪ، جنرل سيڪريٽري علي اڪبر ڌلواڻي، جوائنٽ سيڪريٽري ايم ايچ ڪنڀار، خزانچي محمد ايوب ملاح، قادر جاڪرو، حاجي غلام محمد شورو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

باقيا */آس/* **39**

مظاهرو ڪندي چيو ته اسان کي مڪمل طور نظر انداز ڪيو پيو وڃي اسان جي ماڻهن جا برسات ۾ گهر ڪري پيا جيڪي کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن امدادي راشن پوٺارن جي وائن کي ملي ٿو جيڪي اسان کي ڏيڻ بدران پنهنجن چمچن کي ڏين ٿا اسان کي راشن جو هڪ داڻو به نه مليو آهي هنن چيو ته ڪريٽ ڊي سي اي سي کي درخواستون ڏنيون پر انهن اسان لاءِ ڪجه به نه ڪيو هن چيو ته اسان جو ڳوٺ احمد گبول آخري چيڙي تي آهي اسان هن جديد دور ۾ به پٿر جي دور واري زندگي گذاريون ٿا اسان وٽ موٽر سائيڪل جو رستو به نه آهي اسان جي ڳوٺ جو اسڪول بند آهي صحت جون سهولتون نه هجڻ سبب اسان جا مريض ٽالوبولاخان اسپتال پهچڻ کان پهرين زندگي جي جنگ هارائي وڃن ڪيترن ئي گورهارين عورتون ۽ ٻارڙا وقت سر علاج نه ٿيڻ سبب فوت ٿي ويا آهن هنن الزام هڻندي چيو ته اسان لاءِ حڪومت طرفان ايندڙ سڀ فنڊ هڙپ ڪيا پيا وڃن اسان تمام گهڻو پريشان آهيون برسات ڪاٿيو؟ اسان جي ڳوٺ ۾ بيماريون پکڙجي ويون آهن پر صحت کاتو خاموش آهي زندگي جي هر بنيادي سهولت کان محروم آهيون جانورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي خدارا اسان تي رحم ڪيو وڃي مظاهرو ڪندڙن وزيراعلي سنڌ پين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جا مسئلا حل ڪري برسات دوران ٿيل نقصان جو ازالو ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

باقيا */آس/* **40**

آهي. ادب انسان کي جيئڻ جا طريقا سيکاري ٿو ۽ ادب ئي انسان کي جانور مان انسان بڻائي ٿو چاهت بتول ارڙهين صدي، کان اڳ جي وارثا بيان ڪندي چيو ته سماج ۾ مذهبي ڪرپشن عام هئي ان ئي ڪرپشن ۽ سماجي بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ ادب سرجيو ويو ۽ اڳتي هلي ارڙهين صدي عيسوي، ۾ جڏهن ساڳي قسم جي ڪرپشن اچان به اسري ۽ ماڻهن خاص طور تي عورتن جا حق غصب ڪيا ويا ته هڪ رائيٽر ناول "پاميلا" لکيو جنهن کان پوءِ پارن جي مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ به ناول لکيو ويو جيڪو ڏاڍو مقبول ٿيو هن چيو ته محبت ڪرڻ سان احساس پيدا ٿين ٿا ۽ محبت ڪرڻ سان ئي تخليق سرجي ٿي. ورهاڱي کان ڪان اڳ ۽ پوءِ به بهترين ادب سرجيو ويو جنهن ۾ پڻ سماجي برائين جي نشاندهي ۽ انهن جو حل ڏنو ويو هن چيو ته اهو ادب ئي آهي جيڪو سماج کي جيئڻ جا طريقا سيکاري ٿو سنڌ يونيورسٽي لاڙڪاڻ ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر سيد اظهر شاه چيو ته عالمي ادب جو سنڌي ادب تي ۽ سنڌي ادب جو عالمي ادب تي اثر آهي پر اسين جيستائين پنهنجي ادب ۾ مسئلن جي نشاندهي ڪري حل نه ڏينداسين تيستائين اسان جو ادب عالمي ادب سان ڪلهو نه هڻي سگهندو هن چيو ته اسان جو بنيادي سماجي ادارو ڪٽنب آهي ان کان پوءِ اسڪول، حڪومتي ادارا، سياسي، مذهبي ۽ ميڊيا جا ادارا آهن جن جو اسان گهڻو اثر وٺون ٿا. هن چيو ته سنڌو ماٿري، جي تهذيب هڪ بهترين سماج اڏيو جنهن ۾ اسان کي بنيادي حق به مليا ۽ شاندار نظم ۽ نسق به نصيب ٿيو جنهن کان دنيا متاثر ٿي ان جي پيروي ڪئي پر سمورن وسيلن هوندي به بدانتظامي جي ڪري اسين تمام گهڻو پوئتي آهيون. پروگرام ۾ نوجوان ليکڪ ۽ ڏاهي عيسيٰ ميمڻ ليڪچر ڏيندڙ جو تعارف بيان ڪيو ۽ ميزبان استاد گل دايو آجيانو پيش ڪيو ان کان علاوه شاعر ۽ ريڊيو ڪمپيئر خاور قمبراڻي پنهنجي سريلي آواز ۾ گيت پيش ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا ۽ نوجوان تشڪيل ميربحر پروگرام جي ڪاروائي هلائي. پروگرام ۾ خليق ميمڻ، فقير منظور مهيسر، وسيم سيٺائي، صديق سومرو، نويد ناز پٿي، علي حسنين، رضا برڙو، منصور ميمڻ، ڪامل امداد جتوئي، حمز علي سوهو، مسڪين عيسيٰ چانڊيو، زاهد علي جوڻيجو حسين علي ڪنير، دانش ترڪ، حسين ڪنير، سرفراز گاڏيهڄو، لياقت پنهور، صدرالدين پٿي، انور ميراڻي، استاد خالد چانڊيو، جاويد پنهان سميت نوجوان شاگردن ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

سجاول ۾ آءِ بي اي 2021 ع جي پاس اميدوارن پاران هڪ سنڌ هڪ پاليسي احتجاج

آئي بي اي 2021 ع جي اي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جا 33 کان 39 سيڪڙو مارڪن جي اميدوران جو احتجاج

اميدوارن سلطان ڪوسو، نرمل نظير ڪٽي، معشوق ٻگهيو، احسان ٻجهورو، شوڪت هالو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

ضلع سميت پوري سنڌ جي اميدوارن کي آفر آرڊر ڏيئي پريشاني کان بچائي ساڻن انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين جون دانهون

سجاول (رپورٽ :عتيق الرحمان ڪنري) سجاول ۾ آئي بي اي 2021 جي اي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي جا 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون ڪڍندڙ ضلع سجاول جي اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاج. سجاول ضلعو سميت سنڌ جي سمورن اميدوارن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 01

قاضي احمد: آ. بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار احتجاج ڪري رهيا آهن

باڊهه ۾ رهواسين پاران سيپڪو
انتظاميه جي زيادتين خلاف
احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

باڊهه (رپورٽر) باڊهه شهر جي شيرل ٻيوس چونڪ جي رهواسين پاران سيپڪو انتظاميه جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهرو ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي محلي جي ٽرانسفارمر جي علاوه باڊهه جي 8 ٽرانسفارمر سڙيل پيا /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 06

حيدرآباد ۾ آئيس جو ڪاروبار هڪ منافع بخش ڪاروبار جي حيثيت اختيار ڪري ويو

ننڍي عمر جا ڇوڪرا نشي ۾ ڏت ٿي ويا ايس ايس پي نوٽيس نه ورتو والدين سخت پريشان

تورڙي ٿي عرصي ۾ گهر گهر ۾ آئيس نشي جو موالي موجود هوندو، نوٽيس وٺڻ جي گهر

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد شهر ۾ مين روڊن ۽ گهٽين گهٽڪو تورڙي پٽي منشيات نه عام جام ملندي آهي پٽي پر هاڻي ان نشي ۾ آئيس جو واڌيو حد کان وڌندو پيو وڃي جنهن جو نشانو 12 کان 18 سالن تائين عمر جا ڇوڪرا آهن جن جو هن /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 07

ٻوڏ ۽ برسات متاثرين جي
خدمت ۽ مدد جو سلسلو جاري
آهي: ڏٽي بخش ٻهڻ

نوشهروفيروز/ مورو/ نمائندن وتان) پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي رئيس ذوالفقار علي ٻهڻ جي هدايتن تي يونين ڪائونسل ڪنڀڄي جاگير /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 08

ٽاٽوبولاخان تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پرائمري پاران اسڪول جو اچانڪ دورو

ڏورانهن علائقي آزاد ڳبول ، ڪرچات ۽ ڪيٽجي جي ايليمنٽري اسڪول جو دورو ڪيو

ايچ ايس ٽي استاد سميت ٻن جڻن کي غير حاضر رهڻ تي معطل ڪندي رپورٽ جي هدايت

ڊيوٽي تي غفلت ڪندڙ استادن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي: نثار احمد ميمڻ جون ڳالهيون

ٽاٽوبولاخان (رپورٽ : راشد نواز منگنهار) تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پرائمري نثار احمد ميمڻ ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر محمد مثل خاصخيلي جو ٽاٽو عارب خان جي ڏورانهن علائقي آزاد ڳبول ، ڪرچات ۽ ڪيٽجي جي ايليمنٽري اسڪول ، پرائمري بوائز اسڪول گرلز اسڪول جو اچانڪ دورو ڪيو جتي هڪ ايچ ايس ٽي استاد سميت ٻن جڻن کي غير حاضر رهڻ تي معطل ڪندي آفس رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي دوري دوران بند ٻهل اسڪول حاجي رحم علي ڳبول ۽ غلام حسين ڳبول کي جلد چالو ڪرڻ لاءِ پڻ ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪئي ان موقعي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 13

ٽاٽوبولاخان : تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پرائمري دوري دوران ٻارڙين کان پڇا ڳاڇا ڪندي

ترڪش ڪالوني جا رهائشي پاڻي بجلي سميت بنيادي سهولتن کان محروم

اسان جي ترڪش ڪالوني ۾ جتي سوين خاندان رهائش پذير آهي: رهواسي

ترڪش ڪالوني جي رواسين کي بجلي لائيٽ کان محروم رکيو ويو آهي

بجلي جا ڪنيڪشن بحال ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج دائرو وڌايو ويندو

ٺٽو(رپورٽ علي گوهر قمبراڻي) ٻوڏ متاثرين لاءِ مڪلي تي قائم ٽيل وڏي آبادي واري ترڪش ڪالوني مڪلي ۽ ٻيهر ڪيمپن ۾ ڏينهن کان بجلي بند ٿيڻ ڪري رهواسي اونداهين ۾ راتيون گذارڻ سان گڏ بجلي جي ؛ هجڻ ڪري پاڻي جو سخت /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊوالهيار ۽ بڪيرا شريف ٿاڻن جي حدن مان
ڦرجا هٿ ڪيل چانور ٻڌائي پوليس حوالي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر)ٽنڊوالهيار ۽ بڪيرا شريف ٿاڻن جي حدن مان ڦرجا هٿ ڪيل چانور حيدرآباد جي ٻڌائي پوليس حوالي.. ٽنڊوالهيار بي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي جا صحافي پنهنجون ذميواريون بهتر نموني ادا ڪن پيا: عبدالحميد پنهور

اسانج و ساٿن مڪمل ساٿ رهندو، پريس ڪلب مڪلي جا سمورا مسئلا حل ڪرايا ويندا

تازو پيل برساتن تورڙي سنڌو درياءَ ۾ آيل وڏي چاڙهه عوام کي ڪافي دربدر ڪري ڇڏيو آهي

ٺٽو(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 17

پريس ڪلب
ٽاٽوبولاخان

ٽاٽوبولاخان: ڳوٺ احمد ڳبول جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

انسانيت جي خدمت ڪرڻ عبادت آهي: مولانا محمد صالح انڍڙ

پاڻي گهرن اندر بيٺل هو. جنهن ڪري متاثرن جي زندگي هڪ عذاب جيان گذري پئي

جي يو آءِ اڳواڻ برسات متاثر علائقن جو دورو ڪيو برسات متاثرين سان همدردي جو اظهار ڪيو

محمد صالح انڍڙ برسات متاثرن ۾ مڇرن کان محفوظ رهڻ لاءِ مڇردانيون پڻ تقسيم ڪيون

سکر(بيورو رپورٽ:فدا ميراڻي) انسانيت جي خدمت ڪرڻ عبادت آهي مولانا محمد صالح انڍڙ پنوعاقل جي يو آءِ اڳواڻ ضلعي سکر جو جنرل سيڪريٽري محمد صالح انڍڙ پنهنجي عاقل تعلقي جي ڳوٺ جوارير مير بحر سميت ٻين مختلف /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 25

پنوعاقل: جي يو آءِ اڳواڻ ضلعي سکر جو جنرل سيڪريٽري محمد صالح انڍڙ متاثرن جي مدد ڪري رهيو آهي

جيڪب آباد جمس اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ شاهد سومرو جي موت وارو مامرو

مير محمد سومرو پٽ جي فوت ٿيڻ جو ذميوار اسپتال انتظاميا کي قرار ڏيئي ڇڏيو

بيمار هجڻ باوجود انتظاميا موڪل نه ڏني زبردستي ڊيوٽي ورتي ويندي هئي: مير محمد

جيڪب آباد(رپورٽ:عبدالستار داهي) جيڪب آباد جمس اسپتال ۾ اسٽاف نرس طور ڪم ڪندڙ شاهد سومرو جي موت وارو معاملو، موتي جي والد استاد مير محمد سومرو پٽ جي فوت ٿيڻ جو ذميوار جمس اسپتال انتظاميه کي قرار ڏيندي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 27

خيرپور پرسان قائم درگاهه پير محمد شاهه ۾ بيٺل برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو

درگاهه جي فقيرن پاران ان عمل تي ميونسپل انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

پبلڪ هيلٿ انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن:مظاهرين

خيرپور (ي) خيرپور پرسان قائم درگاهه پير محمد شاهه ۾ بيٺل برساتي پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو درگاهه جا متولي ۽ فقير روڊ تي ويهي گندر ڪرڻ لڳا. درگاهه جي فقيرن ان عمل تي ميونسپل انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن اڳواڻي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 31

سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي شاخ پاران "سماج ۽ سنڌي ادب" جي موضوع تي ليڪچر

سماج فردن جو ميڙ آهي. اسين زندگيءَ ۾ اڪيلا رهي نه ٿا سگهون هڪٻئي جي ضرورت پوي ٿي

مذهبي ڪرپشن عام هئي ان ئي ڪرپشن ۽ سماجي بيمارين کي ختم ڪرڻ لاءِ ادب سرجيو ويو آهي

لاڙڪاڻو(رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي شاخ پاران "سماج ۽ سنڌي ادب" جي موضوع تي ليڪچر پروگرام سينا وڏلاڙ ۾ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ انگريزي ۽ عالمي ادب جي ماهر ۽ گرلس ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ چاهت بتول ليڪچر ڏيندي چيو ته سماج فردن جو ميڙ آهي اسين زندگيءَ ۾ اڪيلا رهي نه ٿا سگهون جنهن لاءِ اسان کي هڪٻئي جي ضرورت پوي ٿي ۽ اهي ضرورتون اسان کي هڪٻئي سان ڳنڍي سماج جوڙائين ٿيون. هن چيو ته ادب زندگي آهي ۽ ادب سماج جو عڪس /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 32

لاڙڪاڻو: سنڌي ادبي سنگت پاران ڪرايل ليڪچر پروگرام مقرر ويٺل آهن

باڊهه پرسان متاثرن ڳوٺاڻن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ قائم

ڪئمپ ۾ ماهر ڊاڪٽر ۽ ڊاڪٽرياڻين ۽ ٻئي عملي سميت استادن پڻ حصو ورتو

پنهجي ۽ پنهنجي معصوم ٻارڙن جي صحت جو وڌ ۾ وڌ خيال رکيو وڃي: ڊاڪٽر

باڊهه (رپورٽر) باڊهه لڳ وڏي وهڻي گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول آ ءِ بي سڪر يونيورسٽي جي طرفان ڊي ايچ او لاڙڪاڻو ۽ ڊسٽرڪٽ ڊڪري جي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 02

صالح پٽ جي محلا عاشق حسين شاهه جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڪيترن ئي مهينن کان اسان جي گهٽين جي صفائي ناهي ٿي سگهي: شير محمد مهر

گٽرن ۾ پاڻي جمع ٿيڻ جي ڪري مڇرن اسان سان آزار ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيس ورتو وڃي

صالح پٽ (رپورٽ غلام علي ملاح) صالح پٽ جي محلا عاشق حسين شاه جي رهواسين حاجي شير محمد مهر عبدالغني ڪانڌڙو بچل مهره ٻين احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيو آهي ته ڪيترن ئي مهينن کان اسان جي گهٽين جي صفائي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 05

صالح پٽ: محلا عاشق حسين شاهه جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

صالح پٽ جو ديوان اٽي جي ريٽ پڇڻ تي مڇرجي پيو

بل ڏيڪارڻ لاءِ چيو ته دڪاندار صحافي مٿان مڇرجي پيو

موڪل جي ڪري اي سي صالح پٽ سان رابطو ممڪن ٿي نه سگهيو

صالح پٽ (رپورٽ غلام علي ملاح) صالح پٽ جو ديوان اٽي جي ريٽ پڇڻ تي مڇرجي پيو خبر موجب ؛ صالح پٽ لڳ حرچشتيل آرڊي 104 اسٽاف تي پورهيت حبيب الله مهر جي شڪايت تي سينيئر صحافي پريس ڪلب صالح پٽ جو پريس /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 11

سجاول شهر مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو، شهري پريشان

پاڻي سبب گندرنڊڙ گاڏين ۽ شهري سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن

تدارڪ نه ٿو ٿئي، ضلع انتظاميه ۽ چونڊيل نمائندا صرف ڏسي رهيا آهن:رهواسي

سجاول(ن)سجاول شهر مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو سجاول شهر جي سڪ روڊ سجاول کان حيدرآباد ويندڙ روڊ تي پاڻي بيهڻ لڳو جنهن سبب گندرنڊڙ گاڏين ۽ شهري سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن شهرين جو چوڻ آهي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 12

سجاول: انتظاميه جي نااهلي سبب بيٺل پاڻي جو ڏيک

لاڙڪاڻي شهر جي ميونسپل اسٽيڊيم ۾ قائم ٽينٽ سٽي ۾ 2 ڄڻا فوت

ڳوٺ ڪچي بند واسي 55 سالن جو پيرسن سعد الله چانڊيو فوت ٿي ويو

انتظاميه طرفان وارثن کي لاش ڳوٺ ڪڻائي وڃڻ لاءِ ايمبوليئنس به نه ڏني وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽ اي حميد شيخ) لاڙڪاڻي شهر جي ميونسپل اسٽيڊيم ۾ قائم ٽينٽ سٽي ۾ بيماري سبب تعلقي وارهه جي ڳوٺ ڪچي بند واسي 55 سالن جو پيرسن ٻوڏ متاثر 8 ٻارن جي پيرسن پيءُ سعد الله چانڊيو فوت ٿي ويو جنهن انتظاميه /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 19

پريس ڪلب ٽاٽي بولاخان تکو پارڻ جي ڳوٺ احمد ڳبول جي رهواسين جو احتجاج

برساتن دوران واهر نه ٿيڻ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو

مڪمل طور نظر انداز ڪيو پيو وڃي اسان جي ماڻهن جا برسات ۾ گهر ڪري پيا :مظاهرين

مريض ٽاٽوبولاخان اسپتال پهچڻ کان پهرين زندگي جي جنگ هارائي وڃن. نوٽيس ورتو وڃي

ٽاٽوبولاخان (رپورٽ : راشد نواز منگنهار) پريس ڪلب ٽاٽي بولاخان تکو پارڻ جي ڳوٺ احمد ڳبول جي رهواسين برساتن دوران واهر نه ٿيڻ بنيادي سهولتن جي اڻاٺ هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان ڏس ۾ ڳوٺ جي رهواسي بهرار ڳبول صابر ڳبول محمد شريف ڳبول اسحاق ڳبول هادي بخش ڳبول ٻين احتجاجي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 22

وقاص طارق باجاري پاران يونين ڪائونسل باجارا جي ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو

پ پ وقاص طارق باجاري پاران يوسي باجارا جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو

ڳوٺ خميسو خان ٻگهيو ڳوٺ غلام رسول لاکو ڳوٺ ملو ٻگهيو ۾ حال احوال ورتو

سيوهڻ(رپورٽ حيدر علي بلوچ)سيوهڻ پ پ پ اڳواڻ وقاص طارق باجاري پاران يونين ڪائونسل باجارا جي ٻوڏ متاثر علائقن جو دورو وقاص طارق باجاري پاران يوسي باجارا جي مختلف علائقن جو دورو ڪري امدادي سامان تقسيم /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 24

پنوعاقل ويلفيئر فورم ۽ دعا ميڊيڪل سينٽر پاران ڳگل شريف ۾ ڪئمپ

ميمبر ضلع ڪائونسل سکر حافظ رفيق احمد سومرو ڪيمپ تي پهچي وزٽ ڪئي

پرپاسي جي ڳوٺن جي سوين مريضن جو مفت چڪاس ٽيسٽون ۽ دوايون فري ڏنيون

پنوعاقل(بيورو رپورٽ:فدا ميراڻي) پنوعاقل ويلفيئر فورم ۽ دعا ميڊيڪل سينٽر پاران ڳگل شريف ۾ هڪ ڏينهن جي فري ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 26

پنوعاقل: دعا ميڊيڪل سينٽر پاران لڳايل ميڊيڪل ڪئمپ جو ڏيک

برسات متاثر فنڪارن جو سهائتا لاءِ پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاج

وفد ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار، ستار رند ۽ عبدالسلام پاران ريلي

برسات سبب بيروزگار ٿيا آهيون ۽ گهرن کي نقصان پهتو، سهائتا ڪئي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

نوشهروفيروز(د ر) برسات متاثر فنڪارن جي سهائتا لاءِ پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاج جاري آهي. جنهن ۾ عوامي تحريڪ جو وفد پڻ احتجاج ۾ شامل ٿيو. وفد ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار. ستار رند ۽ عبدالسلام /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 29

نوشهروفيروز: برسات متاثر فنڪارن جو سهائتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

امدادي سامان لاءِ روئندڙ صالح پٽ واسڻ عورت جي وڊيو وائرل ٿيڻ تي سهائتا

چيئرمين پاران متاثر خاندان سان رابطو پنوعاقل ۾ راشن ،ٽينٽ ۽ ڪيش رقم ڏني وئي

قائدعوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي چيئرمين عبدالله آچراڻي پاران متاثر خاندان سان رابطو ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ:فدا ميراڻي) امدادي سامان لاءِ روئندڙ صالح پٽ واسڻ عورت جي وڊيو وائرل ٿيڻ کان پوءِ قائدعوام ويلفيئر آرگنائيزيشن جي چيئرمين /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 33

اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ڄامڻ سمون ۾ مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو ساليانو عرس ملهايو ويو

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو ساليانو عرس مبارڪ احترام سان ملهايو ويو

الله پاڪ ۽ ان جي رسول الله جي فرمانبرداري ڪريو پنج وقت فرض نماز ادا ڪريو: حافظ احمد رضا سڪندي

سائين غلام رسول عرف بابجي جان فاروقي مجددي سرهندي متياري وارن فرمايا ۽ دعا خير پڻ گهري

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: رسول بخش سمون) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ڄامڻ سمون ۾ مدرسه دارالعلوم مجدديه تعليم القرآن ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو ساليانو عرس مبارڪ عقيدت احترام سان ملهايو ويو خير /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 03

اسلام ڪوٽ: ڳوٺ ڄامڻ سمون ۾ مجدد الف ثاني رضي الله عنه جو ساليانو عرس تقريب جو ڏيک

سنڌ يونيورسٽي جي ليڪچرار
سيد تقي شاهه جي والده لاڏاڻو
ڪري وئي

حيدرآباد(بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد جي جوائنٽ سيڪريٽري سيد اعجاز شاه ۽ سنڌ يونيورسٽي جي ليڪچرار سيد تقي شاه جي والده ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ بعد 60 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. جنهن جي جنازي نماز ٽنڊوغلام علي ۾ ادا ڪئي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 04

حيدرآباد جي لياقت ڪالوني ۾ 25 ڏينهن کان بجلي بند

بجلي جي بندش سبب علائقي واسي پٽي عذاب ۾ مبتلا، انتظاميه سار نه لڌي

عملدار رشوت طلب ڪري رهيا آهن. نه ڏيڻ تي بجلي بحال نٿي ڪئي وڃي: رهواسي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) حيدرآباد جي لياقت ڪالوني واري علائقي ۾ 25 ڏينهن کان بجلي جو ٽرانسفارمر سڙيل هئڻ سبب علائقي واسي پٽي عذاب ۾ مبتلا ٿيل ويا آهن. گڏريل ڏينهن هڪ پورهيت عرفان قريشي پاران پيٽرول جي بوتل /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 10

ميرپور ماٿيلو ۾ پوليس جو
گشت دوران ڌوهارين سان
مقابلو هڪ ڌوهاري مارجي ويو

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ٿاڻي ٻيلو ميرپور پوليس جو گشت دوران ڌوهارين سان مقابلو هڪ ڌوهاري مارجي ويو. اسلحو برآمد تفصيل /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 09

فلاحي ڪمن ۾ سلطانپور جا قلم ڌڻي مڙني کان اڳيرا. ڪئمپ لڳائي وئي

ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ ميڊيڪل جي ميدان تي لهي پيا

مارونئڙن جي سار لهي متاثر علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون قائم ڪري ماڻهن جي خدمت

فري ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي ماڻهن کي گهربل سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ پڻ مصروف آهن

سلطانپور (رپورٽ :جنسير حسين انڍڙ) فلاحي ڪمن ۾ سلطانپور جا قلم ڌڻي مڙني کان اڳيرا. پنوعاقل جي يونين ڪائونسل 9 ناڙو هسڻ ۾ برساتي سيلابي پاڻي جي ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ ميڊيڪل جي ميدان تي لهي پيا. بيمار مارونئڙن جي سار لهي متاثر علائقن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون قائم ڪري ماڻهن جي خدمت ڪرڻ لڳا. ماڻهو ڪين پنهنجو مسيحو سمجهڻ لڳا تفصيل موجب سکر ضلعي جي شهر سلطانپور جا صحافي ناڙو برساتي سيلابي ٻوڏ ۾ ٻي گهر ٿي ويل مارونئڙن جي سار سنڀال لاءِ ميدان عمل ۾ لهي پيا. /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 14

سلطانپور: ٻوڏ ۾ متاثر ٿيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ لڳايل ميڊيڪل ڪئمپ جو ڏيک

لاڙڪاڻي ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان مرڪزي سڏ تي فيس معاف ڪرڻ خلاف احتجاج

تعليمي ادارن ۾ فيس معاف نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اعتزاز ڳاڻينچو، زبير سرڳاٽي، حسيب جوکيو، وحيد حاصلو، ظفر جعفري، ساجد ميمڻ پاران ريلي

پريشاني جو شڪار آهن جنهن سبب شاگرد تعليمي ادارن جون ساليانو فيون ڀري نه ٿا سگهن:مظاهرين

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان مرڪزي سڏ تي تعليمي ادارن ۾ فيس معاف نه ڪرڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ضلعي صدر فرحان /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 15

ميرپور ماٿيلو جي لال شاهه محلا جو
رهواسي بلڊ ڪينسر ۾ مبتلا

ميرپور ماٿيلو(رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: لال شاه محلا جو رهواسي بلڊ ڪينسر ۾ مبتلا. پنهنجي گهر جو الهه تلهه وڪرو ڪري پنهنجي علاج لاءِ خرچ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 20

لاڙڪاڻي ۾ آءِ بي اي ذريعي پرائمري اسڪول ٽيچر جي ٽيسٽ ڏيندڙن پاران احتجاج

ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

اميدوارن شبير مهيسر، سروپ ڪمار، اجي ڪمار، ولي محمد وسطڙو ۽ ٻين پاران شديد نعريبازي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ آ. بي اي ذريعي پرائمري /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 21

لاڙڪاڻو: آ.بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار احتجاج ڪري رهيا آهن

ڳوٺ ڪاهي قاسم جي رهواسين گهروارين کان انڪم سپورٽ جا پئسا کسي گهران ڪڍي ڇڏيو

نياڻين سميرا ۽ حميران پنهنجي اولاد ۽ والد محمد قاسم سولنگي سان گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو

بينظير انڪم سپورٽ تحت 25.25 هزار رپين جي رقم کسي اولاد سميت گهران ڪڍي ڇڏيو:مظاهرين

ڌوهاري ۽ ٺڳ قسم جي ماڻهن کان تحفظ ولي ڏنو وڃي ۽ کين گرفتار ڪيو وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

نوشهروفيروز(د ر) ڳوٺ ڪاهي قاسم جي رهواسين گهروارين کان بينظير انڪم سپورٽ جا برسات متاثرن لاءِ آيل 25. 25 هزار ڦري ڪين اولاد سميت گهران ڪڍي ڇڏيو نياڻين سميرا ۽ حميران پنهنجي اولاد ۽ والد محمد قاسم سولنگي /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: ڳوٺ ڪاهي قاسم جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز ۾ عوامي تحريڪ ضلع ڪائونسل جو اجلاس، باڊي جي چونڊ

اجلاس ۾ عوامي تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر لال جروار، ستار رند شرڪت ڪئي

قيامت جا منظر آهن ۽ متاثر ماڻهو بي يارو مددگار روڊن رستن تي ويٺل آهن: لال جروار

نوشهروفيروز(د ر) عوامي تحريڪ ضلع ڪائونسل جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ عوامي تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر لال جروار. ستار رند شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ضلع نوشهروفيروز جي باڊي جي چونڊ ڪئي وئي جنهن سليم رضا پنگر ايڊووڪيٽ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 28

ايوان زراعت برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري ڇڏيو

آبپاشي کاتي ۽ ڊرينيج جا راشي عملدار ذميوار قرار، ڪڻڪ جي پوک نه ٿي سگهڻ جو چٽو امڪان

30 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ گهٽ لهڻ سان صوبي ۾ ايندڙ سال شديد ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو

حيدرآباد(رپورٽر مظهر علي جمالي) ايوان زراعت سنڌ صوبي جي 70 سيڪڙو زمين مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي، جو اظهار ڪري ڇڏيو آبپاشي کاتي ۽ ڊرينيج جا راشي عملدار ذميوار قرار. ڏکڻ سنڌ ۾ 15 آڪٽوبر کان ڪڻڪ /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 30

لاڙڪاڻو تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر جي ڀرتين لاءِ ٽيسٽ ڏيندڙن جو احتجاج

اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف هٿن ۾ آئينا کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

اميدوارن علي ڏنو ڳاد، محمد عاقل جتوئي، آفتاب احمد منگي ۽ ٻين آرڊرن جي لاءِ نعريبازي ڪئي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) لاڙڪاڻو تعليم کاتي ۾ 13 سال اڳ پرائمري اسڪول ٽيچر جي ڀرتين لاءِ سنڌ يونيورسٽي ٽيسٽ ڏيندڙ اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف هٿن ۾ آئينا کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي اميدوارن علي ڏنو ڳاد، محمد عاقل جتوئي، آفتاب احمد منگي ۽ ٻين دانهيو ته اسان تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر جي ڀرتين لاءِ 2009 ع دوران سنڌ يونيورسٽي جي نگرانيءَ ۾ ٽيسٽ ڏني 60 کان 85 مارڪون ڪڻي ڪاميابي حاصل /بقايا ڏسو صفحو 3 نمبر 34

لاڙڪاڻو: پرائمري اسڪول ٽيچر جي ڀرتين لاءِ ٽيسٽ ڏيندڙن احتجاج ڪندي